كليسا جي دريءَ مان

(شاعري)



رحمت الله پيرزادو

ڪليسا جي دريءَ مان

(شاعري)

محترم ادريس جتوئي صاحب

لاءِ

انتهائي پيار منجهان

رحمت الله پيرزادو

رحمت الله پيرزادو

سپ پبلشر نوابشاهه

كتاب جا حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪليسا جي دريءَ مان
موضوع: شاعري
شاعر: رحمت الله پيرزادو
ڇاپو پهريون: اپريل 2005ع
تعداد: 1000 (هڪ هزار)
ٽائيٽل ڊزائين: ثناءُالله خاصخيلي
ڪمپوزنگ: احمد خان مگسي
ڇپائيندڙ: سپ پبلشر، نوابشاهه
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
فون: 0222-721172
قيمت: 80 روپيا

لکپڙهه لاءِ:
ڪنول پريس، اسٽيشن روڊ، سنڪرنڊ
فون: 0244-322764

صليبن تي ٽنگيل آ لفظ بائيبل جا اُڇاري ٿو،
ڪليسا جي دريءَ مان چنڊ عيسيٰ ڏي نهاري ٿو.

بخشل باغي

ارپنا

پنهنجي والد **مير محمد پيرزادي** جي نالي
جنهن جي لاڙڪن جو ذائقو منهنجي شعوري
وجود جي تخليق ۾ شامل آهي.

رحمت الله پيرزادو

اڄ جڏهن مان پنهنجي پهرئين شاعري مجموعي ۾ پنهنجو تعارف لکي رهيو آهيان ته مونکي ڏاڍو فخر محسوس ٿي رهيو آهي ته مان ان قوم جو فرد آهيان جنهن قوم صدين کان ۽ ڪسابن کان سچ جو بي لوس ٿي ساٿ ڏنو آهي! مان سمجهان ٿو ته منهنجو تعارف اهائي عظيم قوم آهي.

منهنجو جنم پهرين فيبروري 1978ع تي سڪرنڊ شهر جي ايگريڪلچرل فارم ۾ ٿيو، اهو صبح جو انتهائي پهريون پهر هو، جنهن جي ياد منهنجي معصوم ياداشت ۾ شايد لاشعور جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اڄ به دفن ٿيل آهي. اڄ سڪرنڊ فارم جا اهي برٽش اسٽائيل (British Style) گهر، جن جا ٿُلها ستون، ڇتيون مٿي، وائڪا بادوان، گلن واريون ڪانسون، سڪريءَ لاءِ سيپريٽ جاءِ ڇڏيل جنهن مان دونهين جي لاءِ مٿان ڪان ٻاهر وڃڻ جي جاءِ، ٿَلها ويڪرا، وڏيون ڪڙڪيون ۽ دروازا، ساڳوان جي سهڻي ڪاٺيءَ جا ٺهيل ۽ گهرن ۾ وڻ ۽ وٽڪاري، نم، ٽالهيءَ، ٻير ۽ سرنهن جا جهڃيل وڻ ۽ سموري ڪالونيءَ ۾ سبزازار جڻ زندگي ڪنهن شاهي خاندان جي نٽ ٺانگر جهڙي ئي حسين هجي. پڪي ايترا جو رڳو هاٿي ٻاهرين ملڪن جا دوردراز آبي ڪنارا ئي اها سڪ ٽا لاهين.

گهر سمورو مائٽن سان پريل ڏاڏيءَ سميت، سڀ سچهِ يا ڪوڙو ان عمر جي حصي ۾ ڏاڍو پائيندا هئا. بابا مونکي ان عمر ۾ هنج ۾ ويهاري هي گيت ياد ڪرائيندو هو،

ارچڪ مرچڪ،
ڏاما ڏرچڪ،
آڪ پٽيهر،
ٺانگڻ جوڳڻ،
ڪارا ڪٽي،
ٻُٽي ڇُٽي.

شيخ اياز جو چوڻ اهو هو ته مٿئين قسم جا ٻارن جا گيت يا جن کي اسان ٻارن جا ٽال به چئون، اهي ٿي سگهي ٿو ته اها سنڌ جي اوائلي ٻولي هجن جيڪا هاڻ موهن جي دڙي جي سڪن تي بي زبان لکي پئي آهي. بهرحال

اهڙائي ڪجھ ٻيا گيت بہ هئا جيڪي وري اڄوڪي سنڌيءَ ۾ آهن جيئن:

صبح سان اٿي آ،
گهاگهر ڪٿي پکي آ،
جمنا جي جل تي،
پيپر جبي پس تي،
پيپر پراٿو،
پانيڻ ڪاٿو،
ڍيران ڍلي،
چندن چور،
هڻ ڦٽاڪو،
تہ نچي نور.

اهي گيت جڏهن آئون استاد بخاريءَ کي پنهنجي ٻاتي آواز ۾ ٻڌائيندو هئس تہ هو نچڻ جي حد تائين خوش ٿي ويندو هو. اسان وٽ ان زماني ۾ استاد گلزار دايو بہ ايندو هو، حافظ محمد بخش ايندو هو، عبدالواحد آريسر، تاج جويو، خاڪي جويو، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، ادريس جتوئي، قادر مگسي، علي خان چانڊيو، نثار هڪڙو ۽ ٻيا بابا جا الاهي سارا دوست ۽ ڳوٺ مان ميهر فقير ۽ علڻ انصاري بہ ايندا هئا. انُ وقت ۾ قادر مگسي پاڻ لکندو هو "جيئي سنڌ" ۽ پوءِ مونکي چوندو هو تہ ايئن لکي ڏيکار، آئون بہ لکندو هئس (ڪاپي ڪري) تہ بابا کي چوندو هو تہ توهان جو پٽ ڏسو هاڻ ٿي "جيئي سنڌ" لکي ٿو وجي. هاڻ خبر ناهي تہ هو پنهنجي پٽ کي بہ ايئن لکڻ سيکاري ٿو الائي نہ! بهرحال انهن سڀني دوستن جي پوڳن مذاڪن جو محور آئون رهيو آهيان مونکي ان تي فخر آهي.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ناول امرتا پريتم جو "بند دروازو" پڙهيو ۽ ان مون ۾ ادب جا ايترا تہ دروازا کولي ڇڏيا جو آئون واپسيءَ وارو دروازو ئي وساري ويٺس. جن ڏينهن ۾ مون ناول پڙهڻ شروع ڪيا انهن ڏينهن ۾ منهنجو اچڻ قاضي احمد پنهنجي مرشدن ڏي گهڻو هو آئون انهن وٽ بہ سال مسلسل ايندو رهيس، اسان اصل کان درگاهہ لواري شريف جا مريد آهيون. منهنجو ڏاڏو جنهن جو نالو بہ رحمت الله هو ان جي تمام سهڻي شاعري ڪيل

آهي، جيڪا قصيدن جي صورت ۾ تمام گهڻي لواري شريف جي مريدن ۾ ڳائي وڃي ٿي، ان جو موضوع پنهنجي مرشد سان عشق جو آهي جنهن ڪي هن دل پري ڳايو آهي. سندس ڪجهه مجازي ڪافيون به چيل آهن.

منهنجي پيءُ تي پنهنجي پڙ ڏاڏي جو نالو آهي، اهو به مير محمد - جي نالي سان هو، ان جو پٽ عبدالعظيم هو، ان جو پٽ رحمت الله هو، ان جو پٽ (بابا) يعني مير محمد آهي، ۽ منهنجو نالو منهنجي ڏاڏي جي حوالي سان رحمت الله رکيو ويو.

بابا جي شاعري به پنهنجو مثال پاڻ آهي، سو آئون جن ڏينهن ۾ قاضي احمد ۾ "نشات" تنظيم (جيڪا نج درگاهه لواري شريف جي مريدن جي تنظيم هئي) جو مرڪزي خزانچي هئس، انهن ڏينهن ۾ مون سائين منير شاهه ذاڪري (جيڪو پڻ اسان جو تمام پيارو دوست آهي) وٽان امرتا پريتم جا سڀ ڪتاب ڏينهن رات ڪري وٺي پڙهيا. ان ناولن جي چوس ۾ مون الاهي وقت صرف ڪيو، پر انهن سان گڏو گڏ پنهنجي مرشدن وٽ به رهيس. مرشدن جو رويو، انهن جو اخلاق، انهن جي رهڻ ڪرڻ جو طريقو ۽ قرب! جنهن قرب کي آئون ڪڏهن به (Explain) نه ڪري سگهان هان جي پٽائي صاحب اها سٽ نه چوي ها ته،

محبوبن منتون ڪري، سڪڻ سيکاريوم. (شاهه)

بهرحال آئون حافظ شيرازيءَ جهڙو شاعر ته آهيان ڪونه جو ايتري آزادگيءَ سان چئي سگهان ته "جيڪڏهن تنهنجو مرشد توکي مسلي تي شراب هاري چوي ته ان تي نماز پڙهه، ته نهڪر نه ڪجان ڇو ته هو توکان گهڻو شريعت کي سڃاڻي ٿو."

ان لاءِ منهنجي شاعري ڪرڻ صرف پنهنجو من بهلائڻ ۽ پرين کي راضي ڪرڻ ئي آهي، ۽ سچ ته پنهنجو من به تڏهن ئي خوش هوندو آهي جڏهن پرين راضي هجي.

انهن ئي سالن يعني 1994ع کان مان مسلسل پڙهي رهيو آهيان ۽ اڄ منهنجو پسنديده ناول نگار البرٽ ڪاميو آهي ۽ پسنديده شاعر شاهه لطيف آهي. ڪلاسيڪل موسيقي ٻڌڻ جيئن ته منهنجي پيءُ جو دلچسپ مشغلو هئي. ان ڪري آئون به آهستي آهستي ان رنگ ۾ رنگجي ويس.

ڪلاسيڪل موسيقي ۾ جيڪي ٻول وري حضرت امير خسرو پنهنجي مرشد نظام الدين اولياءَ لاءِ لکيا آهن اي ڪاش اهڙا شبد آئون ٻه پنهنجي مرشد لاءِ لکي سگهان ها .

- شقلب ۾ ڦول رهي سرسون،
ٻانت ٻانت کي ڦول منگائي،
ڪڙوا هاٿن ۾ آئي،
آوت ڪهه گئي شاهه مست ڪو،
نظام الدين کي دربار مچ گئي ڏوم،
شقلب ۾ ڦول رهي سرسون.

- موري لاج شرم رکيو،
نجام دين اولياءَ .....

ان کان علاوه ٻيا ٻه هنديءَ جا نائڪ پنهنجون اهڙيون ته عظيم بندشون ڏئي ويا جن جو شاعريءَ جي حوالي سان سخن ئي اعليٰ آهي،

- ڪوئي نهين جهان ۾ اڪ ميري يار سا،
سينا پسينا هو گيا ڦولون کي هار سا.

- پيار نهين هي سُر سي جس ڪو،
وه مورک انسان نهين.
سُر انسان بنا ديتا هي، سُر ڀڳوان ملا ديتا هي،
سُر کي آگ ۾ جلني والي پرواني نادان نهين.

انهن کان علاوه "باجو بند کل کل جائي" پيرويءَ ۾ ٺمريءَ جي بندش آهي ته "ناري ايتري محبوب جي آس ۾ انتظار ۾ ڳري وئي آهي جو هن جا بازو بند ٻانهن مان هيٺ اچي ٿا ڪرن." درد سان ترباتر شاعري آهي هندي بندشن ۾. آئون انهن شين کان متاثر ٿي ٿنڌي ڄام يونيورسٽي جي ڪشادن ڪمرن ۾ جتان چانڊوڪي دريءَ مان ايئن ايندي هئي ڄڻ گلن جي خوشبوءِ جا ڦوهارا برسي رهيا هجن. آئون ڪاپيون ڀريندو رهيس انهن جي الفابيٽ ٻه آخر ۾ بابا درست ڪندو هو. مون ايئن شاعري ڪئي آهي. پر اڄ جيڪا شاعري اوهان لاءِ چونڊ ڪئي آهي ان ۾ گرو رجنيش جو اهو جملو اڳيان رکيو اٿئون جيڪو هن ميران بائيءَ تي ليڪچر ڏيندي شروعات ۾ چيو هو ته "مئڪدي ۾ اچڻ جو ٻه

پنهنجو هڪ ڍنگ ٿيندو آهي". ان لاءِ هر صنف ۾ ان جي ڪلاسيڪل انداز بيان کي مد نظر رکيو آهي. دوهي ۾ دوهي جي هندي لب و لهجي کي اياز جي سورنهن يارنهن واري اسٽائيل کي اڳيان رکيو ويو آهي، بيت ۾ اصل سنڌي بيت جي گهاڙيٽي کي مدنظر رکي اوهان اڳيان آندو آهي، گيت کي پنهنجي اصل هندڪو فارم ۾ لکيو آهي ۽ غزل کي غزليت جي انداز ۾ پيش ڪيو اٿم. اميد ته منهنجي ڪچيءَ ڦڪيءَ ڪوشش تي به منٿ ويچاريندا ته توهان جي مهرباني ٿيندي.

رحمت الله پيرزادو

مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ

0244-322064

تانسين جي تان لڳي ٿي، جمنا جي جل ٿل،
موتئي جي جڻ واس سان وهنتل، آهي تاج محل.



دوها

دوهو، گيت بدن جو روح آهي، جيئن گيت جو هر بند پنهنجي روپ رنگ ۾ جلترنگ هوندو آهي، تيئن دوهي جي هر سٽ ۾ سندوريل سينڌ جيان سيبتي هوندي آهي. رحمت الله پيرزادي جا دوها ۾ اُڏرندڙ نيرڳيءَ جا پَرَ آهن جنهن تي رنگن جون آرسيون جڻ ته اکيون آهن، دل لڳيءَ جا هي دوها ڪنهن نازنين جا، جاڙا پرون ۾ آهن ته گرم گرم چپ پڻ.

مانڪ ملاح

تلي

ڪاري رات، ٿڌيرو صحرا، ڪوسا ڪوسا ٻڪ،
ڪنهن ان پل هي ڄاتو ساٿي، آهي جواني رڪ.

مالڪئونس مان پوئين مصرع، ڳاتي جيئن فنڪار،
مذو شالا مان ان پل تنهنجي، مهڪي آئي سار.

آڏيءَ جو انگوري مذ پي، سوچي ڪاليداس،
هن جي آلن وارن ۾ آ، چندن جو ڄڻ واس.

تنهنجا چپ چمڻ ڪانپوءِ، ڪو نہ رهي ڪا سڌ،
پوئينءَ رات ڄڻ پيتا مون، موڪيءَ جا ڪي مذ.

هونءَ بہ توکان ڏار نہ هوندو، آهيان مان ڪي پل،
ياد عجيب نموني ايندو، آهين ماڪ مهل!

تنهنجو پيار ويو آهي ٿي، يادن جي زنجير،
تنهن کي ٽوڙي ڪون سگهيا هي، سڀنجا ڪوسا نير!

ڪيڏو دور ڪان آيو آ هو، ڪانيون ڪٽي پري،
هر ڪا ڪاني پل ڪن آهي، جيون ڄڻ تہ ٻري!

تنهنجا لڙڪ ڪريا گنگا ۾، سنڌو ٿيو ڪارو،
پنهنجي پيار کي هاڻ رهيو آ، ڪوبہ نہ ڪنارو.

جيڪا تنهنجي سونهن ڏني ٿن ، ڪندا ان جي ڪول ،
سنڌڙي توتي لکندا ويهي ، راتين جا هي رول.

دوها پڙهي اياز جا ، ڳاڙهيرم ڳل تان نيرُ ،
منهنجا ڳل اگهڻ جي لئه ، آيو رات ڪبير.

پاڻيءَ تي لهرون ٿي ناهي ، هيءَ جا ڪنڌيءَ لام ،
ان تي پنهنجا پيرا رکندي ، وڃي پئي تي شام.

مون سان تون پيو جاڳين ڪيڏو ، ساروٽين ۾ يار ،
تنهنجي لڙڪن چانڊوڪيءَ ۾ ، آلا ڪيا مون وار.

انبڙي انبڙي لامون لامون ، ڏري ڏري ٿو ڏار ،
وري وري ٿو مون کي سائين ، سڏي اوهان جو پيار.

گهر گهر تنهنجي گهنگهرن ميران ، لاتي اهڙي آڪ ،
هرڪا هاڻ پئي تي ويٺي ، پنهنجا پنهنجا ياڪ.

جڙي ويا ڙي جڙي ويا ڙي ، هن جا مون سان انگ ،
هاڻ تہ محبت کي سَوَملندا ، نوان نوان ڪي رنگ.

راتين جو موتئي ۾ خوشبوءِ ، جيئن جيئن ٿي آزاد ،
مون ۾ تنهنجي ياد تيئن ئي ، ٿي آهي آباد.

ساري رات ڪٽي مون تنهنجي، شعرن ۾ واڪاڻ،
"پوئينءَ رات جي سپني ۾" تون، آيو آهين پاڻ.

ايڏا برسيا لڙڪ پرين جو، آلو ٿيو رومال،
پوءِ به ان تي پاري آهي، توسان گهاريل سال.

ڳوڙهو تنهنجي ڳل مٿان ڄڻ، ٻيٽاريءَ تي ڪنگ،
شام نڇاور ڪيو آ ان تي، پنهنجو سونو رنگ.

باقي رات اسان سان يارو! جلندي رهي ڪَتي،
پرهه ڦٽڻ تي آهه انهيءَ پي، پنهنجي راهه وٺي.

ڪاري رات ۾ ڪٽيجي تنهنجي، ڇا ٿي ڇٽي ڪوڪارا!
توکي ڪنهن جي سار آ پاڳل، توکي ڪنهنجي سارا!

ڇهري ڇهري منجهه لڪل آ، گهرو گهرو گهاءُ،
جنهن سان ساري ڌرتي گرجي، تپي بٺي آ تاءُ.

ڇا ٿيو يار صبح سان اڄ تو، ٻاريو آ شمشان،
سپنا ساڙڻ آيو آهين، اي مورک انسان.

تو به نه مون کي ڪونه سڃاتو، سنڌ جهڙي سجني،
منهنجي آس اُجارو صحرا، منهنجي اُڄ اگني.

جيون هي ڪنهن پاڙ بنا ڄڻ، آهي ڪا ديوار،
جوين ۾ ئي جنهن جي سر ۾، پئجي ويا ڪي ڏار.

آڏيءَ جو انگارن جهڙا، ڳوڙها تئي روڪيا،
آهي ڪير اهو جنهن من ۾، ڪوڪا تئي نوڪيا.

جڏهن پون تا پنگهٽ تي هي، تنهنجا ڪئونرا پير،
لهر لهر تي تنهن پل ٻڌجي، سهڻي تنهنجي ڇير.

ريل جي ڪڙڪيءَ منجهه رکيو هو، ڪاڏيءَ تي هن هٿ،
خيالن ئي خيالن ۾ هن لئه، چنڊ ٻٽيو هو رٿ.

آڏيءَ جو ڪيئن ياد اچن ٿا، تنهنجا نيڻ عقاب،
تن کي پيئڻ جي پيتا لاءِ، لکندس ڪئين ڪتاب.

نيڻن ۾ تو ڪيئن آڏيءَ جو، تاڪيا هي تيڙو،
لوڪ ڏسي ٿا چوندو چوري، ويس نه ڪر گيڙو.

ڏور اُفق تي تنها تنها، ڪرڪي پئي جا ڪونج،
آڏيءَ تائين ننڊ وڃائي، آهي ان جي گونج.

ڇوڙي ڇوڙي وار هوا ۾، ڇوڙي ڇوڙي وار،
مون کي مون کان ڪيئن ڪري هو، اڄ ته ويو آ ڏار.

اونداھيءَ ۾ اونڌھہ ٽيندا، ھٿ جا ھي ليکا،
جوڳين جي ان ڪان بہ پرين ڇا، منزل ھئي ٻي ڪا.

رات تہ ڪيڏو مچ مچيو ھو، ھاڻ ٻچيا ھي ڪک،
پاڻ ٻنہ رھجي ويندا سون ٽي، ڪڏھين اھڙي رک.

ڳليءَ ڳليءَ ۾ مان ميران ٽي، ڳايان تنھنجا ڳل،
تون تہ شيام آن شام جو ايندين، منھنجي عمر بہ پل.

ڇا ھن من ۾ ھاڻ ٻيو ڪو، ڪو نہ ايندو ڏوھو،
مون ڪان پوءِ ڪو ايندو لڳندو، نينھن سندو نوحو.

تو اوشا جي لالي لائي، ويڙھيا پنھنجا وار،
سارو جڳ لڳو اڄ مون کي، تنھنجا سئو سينگار.

تانسين جي تان لڳي ٿي، جمنا جي جل ٿل،
موتئي جي جڻ واس سان وھنتل، آھي تاج محل.

پيار جي تصوير جهڙا بيت

چاڪاڻ ته رحمت الله پيرزادو شاعر ابن شاعر آهي، ان ڪري به ان جي شاعريءَ جو روپ گهڻو رنگ رتائون آهي. اهڙو رتائون جهڙو ڪنهن پهاڙي ڇوڪريءَ جو ڳل هوندو آهي. جنهن ڪي جڏهن مير محمد پيرزادي جهڙو سريلو شاعر ڏسندو آهي ته ان لاءِ ڇوڪري جي رتائين ڳلِ ۽ ان سان لڳل ڳاڙهي آڙوءَ ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. رحمت الله پيرزادي کي شاعريءَ جو نهيل نڪيل پيچرو نصيب ٿيو آهي. هاڻ ان کي وڏيڪ حسناڪ ناهڻ لاءِ هن کي وڏيڪ رياضت ڪرڻي پوندي.

پنجن - ستن سالن جي ادبي ڄمار ۾ هن شاعري سان گڏ نثر لکڻ جي به سيبتي مهارت حاصل ڪري ورتي آهي. منهنجي اڳيان سندس اپياس لاءِ ڪي بيت رکيل آهن جن کي پڙهي احساس ٿو ٿئيم ته رحمت الله پيرزادي جي بيت جو ايندڙ وقت يقينن وڏيڪ سهڻو به هوندو ۽ سگهارو به. ڪافي حد تائين هن بيت جي گهاڙيٽي ۽ گهاڙيٽي جي جڏن کي سمجهي ورتو آهي. ڪٿي ڪٿي هن جي بيت ۾ ڪو ڪمزور پد به رهجي وڃي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي ان جي مشاهدي جي ڪچائي به رهجي وڃي ٿي. ايئن به آهي ته ڪٿي ڪٿي ان جو اظهار جو در بيت جهڙي گهر ۾ پورو به نه کُلي سگهيو آهي پر هي ننڍڙيون وسهون هن جي شاعراڻي سفر ۾ ڪ اٽڪ ته رڪاوٽ جو سبب نه آهن. بلڪ اهي هن جي پوري پوري ڏيان جون گهرجائو آهن.

هيءَ پهاڙي ڪونج، ماري آهي تو،
سڏ ۽ سڏڪو، رهيو ان جو اڌ ۾.

بيت جو پهريون اڌ پد ماترڪ اعتبار کان ڪمزور آهي. ايئن ڪن ٻين سٽن ۾ به ڪمزوريون آهن، بيت جي ٻي سٽ جي سٽ اظهار جي اعتبار کان اڻپوري يا اڄاري آهي. رحمت الله جا ڪي دل ۾ اتارڻ جهڙا بيت به آهن جن کي پڙهي وسارڻ مشڪل ٿيندو. اهڙوئي هڪ بيت،

تون جا منهنجي چيچ ۾، ڇلي جيئن آهين،
مون کي تي چاهين، پنهنجي ساهه کان گهڻو.

منهنجي تجربي جي سهائيءَ ۾ هي هڪ مڪمل معنيٰ خيز بيت آهي. جنهن ۾ ذات ۽ ڏانءَ جو وڻندڙ تناسب آهي، جو اکين اڳيان هڪ پيار جي تصوير (Painting of Romance) کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. يا هي بيت،

ٿاهن ٿيون ڪارا، ڪر ميڙيندڙ ڇوڪريون،
انهن کي تارا، تڪن پيا آڪاس مان.

هي هڪ گهڻو خوبصورت بيت آهي، شايد مشاهدي جا ڪچا ماڻهو اعتراض واريں ته: ميان! تارن ڀري رات ۾ ڇوڪريون وري ڪيئن ڪارا ٺاهينديون؟ انهن انڌن کي ڪهڙي خبر ته هي هنر مند ڇوڪريون ته اکيون پوري به ڪارا ٺاهي سگهنديون آهن. اهڙن انڌن کي سرن جي ڀٺي جي مزدوري ۽ آويءَ جي مزدوريءَ ۾ فرق نظر نه ايندو آهي، ڀٺي جي مزدوري آويءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻ پاسائين هوندي آهي، پل ميڻهن پيا وسن پر مزدور ڪچين سرن ٺاهڻ بدران پڪيون سرون پيا ڊوئيندا آهن. جيئن سماجي اعتبار کان مزدوري هڪ لامحدود ۽ گهڻ پاسائون تصور آهي. تيئن اسان جي شاعرن کي به سمجهڻ گهرجي ته هي شاعري جو هنر به لامحدود ۽ گهڻ پاسائون آهي. جيتوڻيڪ رحمت الله جي بيت سرجڻ جي پسمنظر ۾ گذريل وقت تمام ٿورو آهي ان جي ڀيٽ ۾ هن جون ڪاميابيون وڏيڪ آهن. ڇا هي بيت ان جي گواهي ناهي؟

مون تي تنهنجي موهه جي، ايئن چڙهي وئي ول،
جو مان پل اپل، آهيان تنهنجي واس ۾.

وسيم سومرو

نوابشاهه

9 فيبروري 2005ع

آنءُ اجاتيءَ ويڙهه ۾ ، وحان جي ماريو ،
سالن تائين پرين ، ويندس مان ساريو ،
پر جي مون هاريو ، پوءِ تہ اجائي زندگي.

تون جا منهنجي چپچ ۾ ، چلي جيان آهين ،
مون کي تي چاهين ، پنهنجي ساهن کان گهڻو.

مون تي تنهنجي موهہ جي ، ايئن چڙهي وئي ول ،
جو مان پل اپل ، آهيان تنهنجي واس ۾.

تنهنجا سور سيئي پرين ، منهنجا چار غزل ،
هاڻ وچي تون پيتجان ، مون - پوياڙيءَ پل ،
ارتا رنگ رتل ، پسي پسندين ڪوڙئين.

مون ۾ تنهنجي موهہ جا ، ڦٽا ايئن گلاب ،
روح منجهان ران روپ جا ، وڄن روز رباب ،
منهنجا سيئي خواب ، تنهنجي خوشبوءِ تي ويا.

هن جي لهجي مان پيو، ڏک جو ڪونہ پرو،
ڇڻ ڪو سمنڊ ترو، آهي ان جي من ۾.

چنڊ آهي ھي چيٽ جو، يا ڪوري جو خال،
يا ڪو آهي تالهہ، آڳ جلي ٿي جنهن ۾.

تڙڳن نديءَ ۾ پيا، اڇا جيئن ڪنول،
گويا تنهنجا ڳل، پاڪر منهنجي ۾ سڪي.

ڪيسين ڪاهيندين؟، تارن کي آهين پڳو،
يا پوءِ تنهنجي ڏيان ۾، ڪاهڻ آهہ رڳو،
ڇنو تو تہ ڇڳو، ڪتين جي ڪنمال جو.

ان جي اوباسيءَ ۾، خدا جيڏو ٽڪ،
ڪاهوڙيءَ کي لڪ، اڃان آهي سامهون.

ڪاهوڙين جي هڙ ۾، آهن ڪهاڻيون،
جي اڻ-آرياڻيون، ڇڏي وئيون رڻ ۾.

جن جو راڳ وهاڳ، ڪاهه تہ پسون تن کي،
دنيا کي جي ڏئي ويا، توري پوءِ تياڳ،
تن جو آهي ماڳ، ڪتين سندي ڪڙ تي.

ڇاٽن ڪاهوڙين کي، هي صحرا جا سنپ،
ڳاڙها جن جا وات، ڇڻ ليارن جي آ لپ،
ڏند انهن جا ڪپ، ڇني ڪن ٽا ڇيتيون.

ڇتا جن جا ڇن، ڪن ڪتيا سي ڪاپڙي،
ساوا تن جي پيرئين، نون لکڻ جا پن،
ڪونہ ڏرن ٽا ڪن، اندر ۾ اونها هلن.

ڇپون جن جي ڇانو ٿيا، پهڻ تن جي کٽ،
هي تارن جا ڇٽ، صحرا جي اڌ رات ۾.

پريل هي ايوان ۾، هزارين تاڙيون،
ڪوڙن جون ماڙيون، ڪيرائي ويا ڪاپڙي.

پوري ڪاهوڙيءَ کي، ڪَتيءَ جي ڪڙ تي،
وينا ڳائن جوڳ هو، آڏيءَ جو ڻڙ تي،
هن هيڏي وڙ تي، رشتن ڪنڌ نوائيا.

پکي نوڙهي ۾ ، تنهنجي رات سنيار تي ،
ڳوڙهي ڳوڙهي ۾ ، مون کي ماري وئي هلي.

پنڇي ۽ آڪاس ، ويا ڇڄي پاڻ ۾ ،
رهيو بس راڪاس ، گوليءَ جي ئي گونج جو.

گوليءَ جي تي گونج ، پرزا پرزا تي ويا ،
ڪياماڙيءَ تي ڪونج ، ايئن نہ ڪني ڪڏهين.

ڪپر تي ڪپور ، ڪيڏي خوشبوءِ ساهہ ۾ ،
اڇي اُتر واءَ ۾ ، نسن منجهہ عطور ،
نارين ڪينجهر ڪپ تي ، هاريو آهي نور ،
مون کي مون کان دور ، اڄ تہ ڪٽي وئي شاعري.

سسئي تنهنجو سور ، پنڌ پنّن تا پاڻ ۾ ،
اڄ پيي تن جو پور ، چنڊ تڪي پيو پٻ تي.

خدائيءَ ۾ خال هي ، ڪيئن وجهين ٿو تون ،
ڪيڏيون يار چميون ، شعرن منجهہ ڪٽي وئين.

آنءُ پکس اڄ رات ، ساميءَ جي در تي ،
ڇين جي ڄر تي ، شعر نچيا پٽي مچ ۾.

ڏسي ڏسي هٿ اکر، منهنجا مون ڪان پوءِ،
روئيندين وينو، سوچي مون تي سادڙا.

ڳورا نيڻ تيامر، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون،
مڙيون ڇـُڙيون جامر، ڇهه ڇهه ڪن ٿيون ڇيٽ ۾.

"چانگا مانگا-شامر ڪي"، پوڙهو ياد ڪري،
تڏا ساهه پري، اُتي ويو فٽ-پاٿ تان.

مون لئہ منهنجي شاعري، آڪيرو آهي،
جنهن ۾ ٿو ساهي، ٿڪجي پر پکيئڙو.

ڪنهن سرحد جي حد، ناهي منهنجي جيءَ ۾،
هيءَ سورن جي سڏ، ٽپي وئي سڀ بندشون.

امريڪي جرڳو، هندوءَ مسلمان لاءِ،
گانڌيءَ جو چرخو، گهوري ننڍي ڪنڌ ڪي.

جوين منجهه جڙاءُ، ڏسي سَـنڌ سڪي ويا،
اچـــي لـڳـــو اوچـتـــو، آهـــي اُتـــر واءُ،
اهڙو مون ڪي ساءُ، تنهنجي ساهن مان مليو.

ڪتيون ڪاري رات، جڻ تہ چنبيليءَ چڳ جيئن،
سپنن جي سوغات، سجني جڻ سنسار آ.

اکين کان اڳ ۾ کيئن، هيئون هٿ کيئي پرين،
ڏسندي ئي توکي سڄڻ، لڳو آهي ايئن،
منهنجو من هي جيئن، اڳ ۾ ئي تنهنجو هيو.

نہ کو کنڌ نہ ساھہ، نہ کا سُرت سرير جي،
اهڙو کو منهنجي هيو، جانيءَ جو جڙاءُ،
گهوريئن اهڙو گهاءُ، جو سارا ڦٽ چٽي ويا.

نہ کا وائي واءَ ۾، نہ کا کيھہ کنل،
چپ ۾ چت وجائيو، اکيون تڪ اڙيل،
جانيءَ جي جمال سين، قلبئون سڪ ڪڙيل،
تڙتان هي تڙيل، اڳ ۾ ئي اُڪاريا.

اکيون اهڙيون ڪنهنجون، تکن جي توکي؟
گهڙيءَ ۾ سئو گهاءُ ڏئي، سپنا تو پوکين،
کٿان تو ڊوکين، هر ڪنهن من جي ماپ تون؟

تنهنجي موھہ مثال، کونهي کل جهان ۾،
اکيون پائي جي ڏسئون، کوڙئين آهي ڪال،
تنهنجو يار جمال، آهي ڏاڍو اوپرو.

آڌيءَ جو اتي ڪري، ديپڪ ڇيڙيئين راڳ،
ڪنول سپ ڪري پيا، اڪن لڳي آڳ،
گهڙيءَ جو انهيءَ ۾، پڙڪيو سنڌ ۽ ڀاڳ،
تہ راجا ٻڌي راڳ، روئي پڳو رڻ ۾.

اوپر ڪان "الاهو" ڪري، آيو اپرندو،
لاهيون ڏاهيون آئيو، تارن ۾ ترندو،
اڪيون سڪيون ويو ڇڏي، پونءِ سڄيءَ پرندو،
راءِ بينو آهہ هي، جهروڪي ۾ جهرندو،
سورٺ مان سرندو، موهي ويو مهراج کي.

رڙين رڻ ٻاريو، سُرن ڪيڙيو ڪنڌ،
اکيون وجهي اُپ ۾، ڇتائيين جو ڇنڊ،
تہ موهي ويو مهراج کي، ماندي جو هيءُ منڊ،
ڪاٺ ۽ پيئڻ ڇڏي، راجا پڳو جنڊ،
گهوري جيءَ گهمنڊ، ملڪ ڪيائين منگتي. .

جهڪيءَ منجهہ جڏهن، راجا ڪئي جهاتي،
تہ تاٺي اکيون منگتي، تکي ڪئي ڪاتي،
منتون هيون مهراج جون، تہ ڇٺو پرياتي،
تڏهن حياتي، مرڪي ورتي منگتي.

تاٺي تند ترار جيان، جڏهن ڪيئين "هو"،
تہ ساهن جي خوشبو، نڪري ويئي سِر منجهان.

جيئن بوندا باندي، ٿي آهي اڄ شهر ۾،
تيئن ٿي دل ماندي، منهنجي ٿي محبوب لئہ.

جبل تن جي جات ۾، پاهڻ تڪيو جن جو،
ٿيندو ڪو تن جو، ساٿي هن صحرا اندر.

تنهنجي راهن ۾ اکيون، ڪڏي رکيون مون،
آئين عطر واس جيئن، ڪٿي تون آيون،
منهنجي مٿان تون، پنهنجا پير رکي وئين.

منهنجي ڪمري ۾ ڪلي، آڌيءَ جو بوتل،
پڄري ڪاٺيا پل، رات ٻہ منهنجي روحڙي.

ڇَتا تن تي ڇانوَ، پب جنهين جا بي ڊپا،
تن سان ڪتيون ٿيون لهن، پوياڙيءَ جو لانوَ،
جن وڃائي نانوَ، ناتا جوڙيا نانهن سان.

هيءَ پهاڙي ڪونج ڇو، ماري آهي تو؟
ٻَڌ ۾ سڏڪو، رهيو ان جو اڌ ۾.

ٿاهن ٿيون ڪارا، ڪر ميڙيندڙ ڇوڪريون،
انهن ڪي تارا، تڪن پيا آڪاس مان.

(وائي)



نند جا ڏاڳا

وائي ڀٽائي جي سيلاني روح جي اهڙي ته بيچين صدا آهي جيڪا صدين جي روحن جو سفر ڪندي، آفاقي وسعتن ۾ پيهي جڻ سڄو وايو منڊل ۾ "هو هو" جي گيڙو رنگي پڙاڏن جي روپ ۾ ڦهلجي چڪي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڀٽائيءَ وائيءَ جهڙي ليريڪل صنف کي تنبوري جي ٽپندڙ تارن تي روح مان تخليق ڪري سنڌي شاعري کي بيت ۽ وائي جو صدين تي پياري خوبصورت ۽ ڪلاسيڪل تحفو اربي ڇڏيو آهي اهائي ڀٽائيءَ جي وائي پڪين وانگر پرهه منجهان پرڙا پکيڙيو وقت جي لامحدود ڦهلاءَ ۾ سنڌي ادب جي نيري ۽ اُجري سمونڊ جي ساحل تي وسرام لاءِ لٿي آهي. جت ڪيس سيئي عاشق، شاعر ۽ نينهن نواز جيءَ جي جهروڪن ۾ ادب، احترام ۽ فخر وچان جايون ڏين ٿا.

لطيف جي ان صدين جي احسانن جي مالها، وائي کي جڏهن هن دور جي قدآور شاعر شيخ اياز ڇهيو ته وائي مان ڀٽائيءَ جا ٻاجهارا نيڻ مرڪي سنڌس ذات جي ڀرپور آجيان ڪرڻ لڳا. اياز وائيءَ کي جديد ڪلاسيڪيت سان اهڙو ته نوازيو جو وائي وچ جيئڻ وراڪا ڏئي من کي وڍڻ ۽ منڍڻ لڳي ۽ پنهنجي وجود ۾ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان مهڪي اٿي ته اڄ جي دور جا تصورن جي ناوَ ڪاهيندڙ ناکئا موهت ٿي پيا جن پڻ ان وائيءَ واري حسناڪين کي پنهنجي احساسن جو همراز ڪري ڇڏيو. اهڙن شاعرن ۾ رحمت الله پيرزادي جو نانءُ ڪڏهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته مون هن جي تخليقي ذهانت، مطالعي ۽ مشاهدي جا ڀرپور رنگ سندس مختلف نثري

مضمونن ۾ ڏنا آهن پر سندس شاعراڻي پختگي ۽ حسناڪي منهنجي روح جي اکين مان بہ لڪي ناهي سگهندي. اهوئي سبب آهي جو رحمت الله جا غزل تہ اڳ ئي ٻڌي مونکي ڪافي متاثر ڪري چڪا آهن پر هاڻ سندس وائي بہ پنهنجي اندر فڪري سگهہ، خيالن جي نفاست ۽ دردن جي ذائقي ذريعي روح ۾ لهي وئي آهي. اها حقيقت آهي تہ هر نئون ٻار پنڌ ڪرڻ لاءِ اول، اول پنهنجي وڏن جي ناهيل پيچرن تي هلڻ سکندو آهي ۽ پوءِ اڳتي هلي هو پنهنجا رستا پاڻ تخليق ڪرڻ شروع ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت رحمت الله بہ پنهنجي درد جي دانهن کي ۽ حسناڪ نگاهن جي وارتا کي اياز واري ڀرپور اسلوب ۾ اهڙو تہ رچيو آهي جو پڙهندي اهو گمان ٿو ٿئي تہ اها وائي اياز جي ئي ٿي سگهي ٿي. رحمت الله پيرزادي جون وايون بنا ڪنهن وڏاءُ جي ايتريون تہ جديد ۽ تازيون توانيون آهن جو انهن کي پنهنجو ڪرڻ تي دل چئي ٿي. خيالن جي اُجرائي مونکي اڄ جي وائيءَ ۾ تمام گهڻ ملي ٿي، اها جي رحمت الله جي شاعراڻي اپروچ چئجي جو وائيءَ جهڙي ڪلاسيڪل صنف ۾ پنهنجي دور جا رنگ ڀري ٿو. جن جي حسناڪين جا عڪس سنڌي شاعريءَ جي اکين ۾ نئين جوش ۽ جذبي جي لهر اُڀارين ٿا. چانڊوڪيءَ جي اوج، پکين جون اکيون، لنڪا جي هوا ۾، تارن ۾ توسان، اسٽيشن جو گيت، ننڊ جا ڏاڍا، ڪهڪشائون جت جهڪن، پوڙهي جو وائلن، تارا ٿي ويو تن، ڪنڌ تي پدمات جي، چنڊ جي رٿ تي چڙهي، آڌيءَ رات تا ڳائن گوپي، هائي ولين جي شاعري، جوين جا ڏيرا، پتلين جي هن شهر ۾ ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي حيرت انگيز سٽون رحمت جي وائين ۾ خوبصورت انداز ۾ ملن ٿيون جن جي پس منظر ۾ ڪيتري ئي مشاهدي، مطالعي ۽ پيڙائن جو ڪٺن سفر سمايل آهي. هن جون وايون ٽيڪنڪ جي اعتبار کان اسلوڪي ئي صورت ۾ آهن پر انهن واين کي اظهار جي ڀرپور تازگي وراڻيءَ جو سمنڊ وسيع ڪري ڇڏيو آهي. تشبيهن، ڪيفيتن ۽ خيالن جي وراڻيءَ جا رنگ رحمت الله جي وائي جا اهم گڻ چئي سگهجن ٿا. سچ تہ مان هن جي شاعرائين صلاحيتن ۽ پختگيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان.

بخشل باغي

31 جنوري 2005ع

.ماڻهو جڻ ڪو موڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

مون کي مليو آ انهيءَ ،

راند منجهان ران روڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

نس نس ۾ آ نڪريو ،

سورن جو سنجوڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

جڻ ڪو ڏيهہ ڏڪاريو ،

هيءُ جوڳيءَ جو جوڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

آذيءَ جو انسان ٿو ،

پوڳي هرڪو پوڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

منهنجو منڙو آهہ ٿيو ،

هن صديءَ جو سوڪ ،

هن پتلين جي شهر ۾.

تنهنجن جملن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.
چاندوڪيءَ ۾ روئين وينٺي،
۽ هي نيٹن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.
ورهه وڇوڙيل اڄ ملياسين،
ڪيڏا ساهن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.
ڪهڙي بندش تنهنجي مون تي،
چالٺ سپنن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.
جن مان ڪو بہ نہ پورو ٿيو آ،
وسريل وعدن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.
منهنجي رات ڪي چڏ تون رسوا،
ڏاڍا دردن جي اکيان،
سوالن جا نيشان هزارين.

وائيءَ وائيءَ ۾ ،
ٻيهـــر ملنداســــين.
جوڳيءَ جي ڄڻ جهول جيئن ،
پائيءَ پائيءَ ۾ ،
ٻيهـــر ملنداســــين.
چانـــدوڪيءَ جـــي اوج تـــي ،
يا ٻوءِ تائيءَ ۾ ،
ٻيهـــر ملنداســــين.
آذيءَ جـو ڪنهـن عشـق جـي ،
ڏُک - ڏُهائيءَ ۾ ، •
ٻيهـــر ملنداســــين.
ملنـــدي ٻيهـــر هنـــڌ ســـنڌ ،
يائيءَ يائيءَ ۾ ،
ٻيهـــر ملنداســــين.
ڇـــا تـــون ۽ مـــان او ســـکي ،
ڪنهن اڻ -ڳائيءَ ۾ ،
ٻيهـــر ملنداســــين.

ماڪ وري ساڳي،
آيو آهي سوجهرو.
آذيءَ جو آڪاس ۾،
ترشنا جهاڳي،
آيو آهي سوجهرو.
اڄ ته ملئون ٻئي ان ۾،
جيسين جڳ جاڳي،
آيو آهي سوجهرو.
اوچي آزاديءَ سندي،
واڪ ته ڏس واڳي،
آيو آهي سوجهرو.
منهنجي اندر جي ٻرين،
ڏکن کي ڏاڳي،
آيو آهي سوجهرو.

اوندھ ٿي ويندي،
ساري اوپيرا،
اونداهيءَ جي سمنڊ ۾.
رهندا هٿ ۾ وائڙا،
جوڀن جا ڍيرا،
اونداهيءَ جي سمنڊ ۾.
ڦرندا ڪرندا واءَ ۾،
اکين - آکيرا،
اونداهيءَ جي سمنڊ ۾.
ڪَرَ يي ڪرندا ڪيترا،
ٿي ڪيرا ويرا،
اونداهيءَ جي سمنڊ ۾.
آٿيندا ڪو سوجهرو،
ماروئڙا ميرا،
اونداهيءَ جي سمنڊ ۾.

(سنگيت ناٽڪ: **Opera**)

آيو آيو اوچتو،
پيرن جو پڙلاءُ،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
هن جو جيون بس ٻٽيا،
گولاڙا ۽ گاهه،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
هن جو آهي موهه ڄڻ،
واريءَ ۾ وٽراهه،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
عشق سٽيءَ ۾ آ سڳو،
سوري پوري ساهه،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
ايندو آهي هيانءَ تان،
چرندو چرندو چاهه
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
ويندو آ ان تار تان،
ڏکندو منهنجو ماهه،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!
ويندو آ ان واهه مان،
وهندو ڄڻ درياهه،
پايل ڇيڙيا گيت ڪي!

خالي هي گلدان،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

منهنجي گهر جي در اڳيان،

رستو هي ويران،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

اِندر جي آغوش جيئن ،

مندر جو ايوان،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

جاڳي گهاري چندرما ،

رات ٻه روشندان،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

سپني ۾ پي ناڪئو،

ٻيڙيءَ لئہ طوفان،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

استيشن جو گيٽ پي،

رسوا يا مهمان،

سوچي پيو ايندو ڪوئي!

تو تائين پهچي پرين،
موٽي ايندس مان،
ايئن نہ مون اڳ سوچيو!
يادن جي تصوير سان ،
جڳ سمهي، جاڳان،
ايئن نہ مون اڳ سوچيو!
آهن ڪيئي راتيون،
تارن ۾ توسان،
ايئن نہ مون اڳ سوچيو!
توکي پيار سواءِ پرين،
ڳائڻ لاءِ ڳايان؟
ايئن نہ مون اڳ سوچيو!
آنءُ اڪيلو، اجنبي،
شهر سڄو ڀايان،
ايئن نہ مون اڳ سوچيو!

چندٻ اکيان هي ايوٺيون ،
ھاءِ ولين جي شاعري!
توکي يار ڳرانٺڙيون ،
جي پاتيون هون مون ،
ھاءِ ولين جي شاعري!
چاندوڪيءَ جي رات ۾ ،
تنهنجون هي يادون ،
ھاءِ ولين جي شاعري!
مون تہ نہ سوچيو صبح سان ،
چڙنديون هيئن چڙيون ،
ھاءِ ولين جي شاعري!
ياد اچن ٿيون پوھ جون ،
چاندوڪيون ۽ تون ،
ھاءِ ولين جي شاعري!

هي قاسم آباد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

منهنجي مون سان ڏائري ،

تون ۽ تنهنجي ياد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

نيري هن آڪاس تي ، ،

جوڳيءَ سندو ناد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

ٿڌا جهوٽا واءَ جا ،

هاءِ ڙي حيدرآباد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

چاهيو مون چانڊاڻ ۾ ،

توکي ٿي آزاد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

ڪاش ڏسين هان هيئن تون ،

رسوا ۽ برباد ،

پويون راتيون چيٽ جون.

تون بہ ان کي ڏي چڙي،
مان بہ ان کي تو چڙيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
دور چپ جي چانوَ ۾،
تون آءُ، مان پکڙا اڏيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
چنڊ جي تصوير ۾ ،
آءُ ڪنهن کي پيو سڏيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
ننڊ جا ڏاڍا نهوڙي،
تو ڳڻائن سان ڳڏيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
روح ٿي رسوا ويو آ،
لوءِ مان جيڪر لڏيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.

هاءِ اي منهنجا شعور ،
آ وري آيو بسنت.
ها وري ٿيندي جواني ،
ٽاربون سڀ ٻور ٻور ،
آ وري آيو بسنت.
جن سان گھاري مون جواني ،
سي نہ ملندا هاڻ مور ،
آ وري آيو بسنت.
ڪهڪشائون جت جهڪن ٿيون
روح اڏري دور دور ،
آ وري آيو بسنت.
تو اڏي پيو ڍنڍ تان هو ،
تاس ۾ ڪيڏو تلور ،
آ وري آيو بسنت.
زندگي ڪيڏي حسين آ ،
روح آهي چور چور ،
آ وري آيو بسنت.

هيءُ پکيئڙن جون قطارون،
مان ڏسان ٿو گئلريءَ مان.
دور ٿائين شور، رڪشا!
هيءُ دونهون ۽ بزارون،
مان ڏسان ٿو گئلريءَ مان.
روڊَ هي ماٺهو گهڻ تا،
روز تن تي سئو ميارون،
مان ڏسان ٿو گئلريءَ مان.
سار ۾ محبوب چهرو،
منهنجي عينڪ تي به ڏارون.
مان ڏسان ٿو گئلريءَ مان.

آڏيءَ ڪوئي ڳائي، گوبي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

تو جا مون کي سين ڏني هئي،

مون تہ نہ آ. سا ڪنهن کي سونپي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

تنهنجي سنهڙي سهڻي نڪ آ،

اڄ جيڪا هي بولي توبي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

تنهنجو عشق سچو آهي جي،

تنهنجي راهہ نہ ڪائي روبي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

تارا ڪوڙهيا، جهڙ، وڄون هي،

موسم تي آئي آ پوبي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

ايڏا لڙڪ لڪائين ڇوتي،

ڇا مان ڇا ويندو آ ڏوبي،

توکي کھڙو پور وني ويو.

کالهہ بہ جوڳي آيا ماءِ !
ساز اسان کي ساڙي ويا.
رمتا جوڳي بنسي تي ايئن،
تن جي پيڙاٻ تون تہ نہ ڳاءِ،
ساز اسان کي ساڙي ويا.
واريءَ تي وسڪار اچي ويو،
ڪڻ تون پنهنجا خيما لاهہ،
ساز اسان کي ساڙي ويا.
دور اُفق مان ديد ملي آ،
هاڻ هلڻ جا سانگ سجاءِ،
ساز اسان کي ساڙي ويا.
جهونا ڳُڙهہ تہ جهري ويو آهي،
روئندو ايندو پويان راءِ،
ساز اسان کي ساڙي ويا.

پوڙهي جو وائلن،
يا هي منهنجو من،
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.
ايندو ڪو اڌ رات جو،
آڱر تي ڇن ڇن،
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.
اهڙو آهي مڏ متو،
تارا ٿي ويو تن،
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.
سپني نينڻ پسائيا،
واري ٿي ون ون،
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.
آيو ڪوئي ڪو نہ ڇو،
اڄ مون وٽ پل ڪن!
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.
ٿيندو اُپ تي سوجهرو،
ٽڙندو جيئڻ چندن،
سڌڪيو پوئينءَ رات جو.

ڪيڏي آ مانار،

جيسين جي هن جڳ ۾!

ڪو بہ نہ ڪنهن سان ڳنڍ آ،

ڪو بہ نہ ڪنهن ڪان ڌار،

جيسين جي هن جڳ ۾ !

رات نہ آهن ويڙهيا،

پنهنجا ڪارا وار،

جيسين جي هن جڳ ۾ !

هائڪا هائڪا چوڪريون،

اُڏما تارئون تار،

جيسين جي هن جڳ ۾ !

ياد اچي ويا اوچتو،

جڻ سنڌڙيءَ جا نار،

جيسين جي هن جڳ ۾ !

هڪڙي مالها موهہ جي،

۽ ٻيا هيرن - هار،

جيسين جي هن جڳ ۾ !

سن شهر جون ماڙيون ،
آءُ ڏسان ٿو پار ڪان.
ڪنڌ تي پدمات جي ،
سون ورنيون ساڙهيون ،
آءُ ڏسان ٿو پار ڪان.
ڳانيون ڳچيءَ منجهه ڇڻ ،
ايئن شفق ۾ آڙيون ،
آءُ ڏسان ٿو پار ڪان.
سنڌڙي تنهنجي سونهن ۾ ،
ڦلواڙيون ڦلواڙيون ،
آءُ ڏسان ٿو پار ڪان.

زندگي تي سرد جام ،
چپ تنهنجا آئون پيئيان!
چنڊ جي رتِ تي چڙهي ،
تو ڪيا مون سان قيام ،
چپ تنهنجا آئون پيئيان!
ايترو آهي شديد ،
ڪير چوندو خيال خام ،
چپ تنهنجا آئون پيئيان!
هي ڪچي ڪونپل چمي ،
روح ڪيو آ رام رام ،
چپ تنهنجا آئون پيئيان!

پنهنجي تون جڳ ڏي،
ويندين نيٺ ڇڏي،
هاءِ پرين پرديس جا!
ڪيڏا خواب پلي،
تو ۾ عشق اڏي،
هاءِ پرين پرديس جا!
جيسين ساھ ڇڏي،
تيسين ساٿ تہ ڏي،
هاءِ پرين پرديس جا!
ايندس پيار پنڻ،
تنهنجي آءُ تڏي،
هاءِ پرين پرديس جا!
ساريا جوين ڏينهڙا،
منهنجي جيءَ جڏي،
هاءِ پرين پرديس جا!

پکين جون اکيون ،

سمنڊ ڪنارو ٿيون ڏسن.

يادن جي تصوير هيءَ ،

۽ ڪجهہ خاموشيون:

سمنڊ ڪنارو ٿيون ڏسن.

رات بہ ٿي وئي آهہ ۽ ،

پيڙن جون بتيون ،

سمنڊ ڪنارو ٿيون ڏسن.

لنڪا جي هوا ۾ ،

ڪنهن جون سمرتيون ،

سمنڊ ڪنارو ٿيون ڏسن.

تيسين ترس سکي!
جيسين مڻ ٺري.
اُڏرن پنهنجي آکيرن مان،
مهڻي نيڻ پکي،
جيسين مڻ ٺري.
جڻ تہ وساريو تو مونکي،
اکين منجھہ رکي،
جيسين مڻ ٺري.
مڻ جون ماڻيون نيڻن اوتي،
رهہ تون ايئن بکي،
جيسين مڻ ٺري.
چانڊوکيءَ ۾ آئي رک تون،
موکي! هيءَ ڏکي،
جيسين مڻ ٺري.

گيت

سوناري جي مٿن جهڙا گيت

گيتن کي صدين جو پسمنظر آهي ۽ اهي ڌرتيءَ مان ماءُ جي ٿڃ جيان ڦٽي نڪرندا آهن. دنيا جي فطري ٻولين جون ڇاتيون گيتن جي گوهن سان ئي نڪاربيون آهن. سنڌ ۾ صدين کان گيتن جي ڌرتي رهي آهي، پر اهي گيت لوڪن جا جنميل آهن. لوڪ گيت، اسان جي سيتا جي مٿي تي سيندور جيان چمڪندا رهيا آهن انهن گيتن جو هڪ پورو پسمنظر آهي، پر جديد گيت جي تاريخ ڪشنچند بيوس ۽ ان جي سٿ جي شاعرن کان شروع ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ جديد گيت نوُورنيءَ جي سرَ تي جهومر وانگر رهيا آهن، جديد گيت ڪشنچند بيوس کان سفر ڪندا، هوند راج دکايل، هري دلگير، نارائڻ شيام، شيخ اياز، نياز همايوني، بردي سنڌي، گورڌن ڀارتي، واسديو نرمل، استاد بخاريءَ ۽ قيوم طراز کان ٿيندا، جڏهن مير محمد پيرزادي تائين پهچن ٿا ته ماضيءَ جو سمورو حسن نکارجي بيهي ٿو ۽ مير محمد جا گيت جوڀن ونت گوريءَ جيان گهٽا پائي بيهن ٿا.

نئين ٽهيءَ جي شاعرن لکيو ته سمورين صنفن تي آهي، پر سنڌن ذهني لاڙو غزل ڏانهن وڌيڪ آهي ۽ گيت جهڙي گداز، ملائم، مٺڙ ۽ داخلي ڪيفيتن تي جي محيط شاعريءَ کي جهڙو ڪر انهن وساري ڇڏيو آهي، مون جڏهن رحمت الله پيرزادي جي گيتن جو سرسري اڀياس ڪيو ته مون کي اهي ڪشنچند بيوس کان مير محمد پيرزادي تائين جو نه رڳو سهڻو تسلسل لڳا، پر نين تشبيهن جي مالهائن ۾ پوپل اهڙا هار محسوس ٿيا، جيڪي ڪنهن جوڀن ونت اڇت پريءَ جي ڳچيءَ ۾ پائڻ لاءِ آتا هجن.

سوناري جا هٿ پرين،
سون کان ڪيڏا سندر آهن!

گيت پڙهڻ سان مون کان ڇرڪ نڪري ويو. مون پورهيت ۽ سندس پورهيي جي عظمت جي مڃتا هن نموني جديد شاعريءَ ۾ اڳ گهٽ ڏٺي آهي.

منديءَ مٿان جي چٽ ڏسين ٿو،
سوناري جون سوچون آهن،
ميڻ اندر ويون مڙهجي بلڪل،
لئون سنديون جڻ لوچون آهن،
ڪيڏي سهڻي نٽ پرين،
سوناري جا هٿ پرين!

رحمت جي گيتن ۾ هندي-سنڌي لفظن جو مٺڙ ميلاپ ڪٿي ته ڏاڍو وٺي ٿو، پر حد کان وڌيڪ هنديءَ جي اوت ڪٿي مشڪل پسنديءَ ڏانهن نه وٺي وڃي. رحمت کي ان طرف توجهه ڏيڻ گهرجي. رحمت جي گيتن جي ٻولي گهڻي قدر فطري آهي ۽ نوان نوان راز کولي ٿي.

منڙو هي جو ٻولي ويو آ؟
راز انوکا کولي ويو آ!
وستي وستي، واهڻ واهڻ،
ڪنهن ته پريںءَ کي ڳولي ويو آ،
سپنا ساحل، سپنا ڇوليون!

"سپنا ساحل، سپنا ڇوليون" جهڙيون حسين ترڪيبون، رحمت جي گيتن جو خاصو آهن. رحمت جي گيتن جو هي فطري پڄو ئي سندس سڃاڻپ بڻجي سگهي ٿو.

تو ته ڏنا ها ٿهڪ فضا ۾،
چار!
اسان جي رات وئي!
صدين جا گس يار لتاڙي،
آيو هو من تنهنجي پاڙي،
ڪلي نه ڪيئي ڪيڪار،
اسان جي رات وئي!
....
ڪنواري خواب جو درد نه ڄاڻئي،
اڄ ٻي منهنجو پيار نه پاڻئي،
جيون گهڙيون چار، پوءِ ته نه آهي ڪا به ميار!
....
لهر لهر ۾ موتي آهن،
تارا تنهنجي پوتي آهن.

مون کي پڪ آهي ته مشاهدو ۽ مطالعو مستقبل ۾ رحمت الله کي گيت جي خوبصورت شاعر طور ضرور سڃاڻپ ڏيندو.

تاج جويو

سڪرنڊ. سنڌ

22-01-2005

سوناري جا هٿ، پرين!
سون ڪان ڪيڏا سندر آهن.

منديءَ مٿان جي چٽ ڏسين ٿو،
سوناري جون سوچون آهن،
ميِنَ اندر ويون مڙهجي بلڪل،
لونءَ سنديون ڄڻ لوچون آهن،
ڪيڏي سهڻي نٽ، پرين!
سوناري جا هٿ، پرين!

سون جو هي بيٻولو ڳوڙهو،
هٿ ڇهڻ سان هار بڻي پيو،
جيئن هي ميرو سيرو منڙو،
اڪ اتڪڻ سان پيار بڻي پيو،
ڪير ڪري هيءَ ڪٿ، پرين!
سوناري جا هٿ، پرين!

ڏاچ اندر جا ڏوري آهي،
ڪانڌ ملڻ جي لوري آهي،
هيءَ جا سيج مٿان آ سهڻي،
کهڙي گهاڙوءَ توري آهي،
سونهين سڪين سٽ، پرين!
سوناري جا هٿ، پرين!

ڪڏهن ايندين راڻا وو،
يارا
ڪڏهن ايندين راڻا وو.

ڪيئي راتيون ڪاٽيون تو بن،
ماٽيون آهن ٻاٽيون تو بن،
گهوگهو ماٺيءَ جي ۾ هيل نہ،
آهي ڏارا
ڪونہ مکڻ جا چاٽا وو،
يارا
ڪڏهن ايندين راڻا وو.

تو بن راجڪماريءَ جي،
هر رات او راڻا آ وهہ ٿي،
هن جا لڙڪ سڪن ٿا ڪونہ،
ڪڏي ٿي پار،
ڳل مکڻ جا چاٽا وو،
يارا
ڪڏهن ايندين راڻا وو.

تا مال - چڙا اڏ رات وڄن ،
۽ دل جا ڌهڪا تيز ٿين ،
سڏڪي پوئينءَ رات ،
چڙيءَ جي پٺي تي لار ،
تہ ٿين تا وهم وهاڻا وو ،
يار!
ڪڏهن ايندين راڻا وو.

تنهنجي راجڪماري مومل ،
بيهي ڪڙڪيءَ ۾ تي هيڪل ،
چوڌاري چيتن جيئن بادل ،
ڪن جو تا ڏڏڪار ،
تہ هن جا ڳل وچن ڪوماڻا وو ،
يار!
ڪڏهن ايندين راڻا وو.

سپنا ساحل سپّنا ڇوليون،
ڪوئي ڪنهن جو، ڪوئي ڪنهن جو.

ڇا تون راتيون روڪي سگهندين؟
هي برساتيون روڪي سگهندين؟
هن من ۾ جيڪي ڀي آهن،
ڇا سي ٻاتيون روڪي سگهندين؟
سپنا ساحل سپنا ڇوليون!

منڙو هي جو ٻولي ويو آ،
راز انوکا کولي ويو آ،
وستي وستي واهڻ واهڻ،
ڪنهن تہ پرينءَ کي ڳولي ويو آ،
سپنا ساحل سپنا ڇوليون!

من ۾ هڪڙي ڏوري آهي،
چاهہ اُها جو چوري آهي،
هاٿي پاليل هيءَ سکن سان،
جندڙي ان تان گهوري آهي.
سپنا ساحل سپنا ڇوليون!

نيڻ - ڇپر ڇڻ ڪجيءَ -لامون،
لُڙڪ حياتي، ماڪ اُڏامون،
وڻ ويڙهيءَ جئن ڪئن ٿا ٻڪجون،
اجهو اجهو ڙي ٿينديون شامون،
سپنا ساحل سپنا ڇوليون!

تو تہ ڏنا ها ٿهڪ فضا ۾ چارا
اسان جي رات وئي.

تنهنجا سارا وعدا ساري،
روئي ٿي ۽ راهہ نهاري،
تارن کهُڙي لائي ڪار،
اسان جي رات وئي.

رات ڪتيون مون ڪيئي ڪتيون،
تنهنجون ڳالهيون ڏينهن ۽ رتيون،
ڪيڏي سرهي آهي سار،
اسان جي رات وئي.

تنهنجي وارن جي خوشبوءِ سان،
کهڙي موتين جي آ پيتا،
هئہ هئہ موهيندڙ مهڪار،
اسان جي رات وئي.

صدين جا گس يار لتاڙي،
آيو هو من تنهنجي پاڙي،
ڪلي نہ ڪيئي ڪيڪار،
اسان جي رات وئي.

چيـڪري چـوري پـئـي تـي پيـنگهـ لـوڏي پيـر سـان ،
واءُ ۾ تـي سـُر پري جڻ چـن چنـن جـي چيـر سـان.

سُرخ ڪيئي گل چٽيا آهـن هـي گهاٽي وڻ منجهـان ،
شام جـو ٿا بنسريءَ جـا سُر اچـن پيا ڏڻ منجهـان ،
هـاڻ موتـن ٿـا پيـا ڪـي ڳـوٺ ڏي پـي ديـر سـان ،
چيـڪري چـوري پـئـي تـي پيـنگهـ لـوڏي پيـر سـان.

جـڻ پکـي پريـان هـوا ۾ ٿـا وڃـن پرديـس جـا ،
جـڻ تـہ ڪي ٽاڪا لڳن ٿا شام جي هـو ويـس جـا ،
۽ انهن کي ڪي شڪاري ٿا ڏسـن اک - ميـر سان ،
چيـڪري چـوري پـئـي تـي پيـنگهـ لـوڏي پيـر سـان.

جـواڻ پنهنجي جند جـا ڪـي خـواب جنمـن ٿـا پيـا ،
جـڻ اکيـن ئـي هـو اکيـن ۾ رانـد ڪيـڏن ڪـا پيـا ،
هـوءَ پـي هـر هـر ڏسـي پرسـان متينـدڙ هيـر سـان ،
چيـڪري چـوري پـئـي تـي پيـنگهـ لـوڏي پيـر سـان.

ڳـوٺ جـو منظر اهـو جيئـن خـواب جـي آهـي مثـل ،
بـرٽ واري ڇوڪـري ڇـاهي پـئـي هـاٿي وصـل ،
پـر انهـيءَ جـو يـار پـي آ ڪونـہ موتيـو پيـر سـان ،
چيـڪري چـوري پـئـي تـي پيـنگهـ لـوڏي پيـر سـان.

جيون جي نَسيا کي وهندي،
چوليون يار ڏسن ٿيون،
ڏک جون!
چوليون يار ڏسن ٿيون.
گهنگهور گهٽا ڇائين آهي پيءُ،
وڄ کي پيي مٿ ۾ لاهي پيءُ،
ان ۾ پيي گجگوڙ رهي ٿو،
۽ هر غم جو توڙ رهي ٿو،
جيون ۾ ڏک جا سو رنگ سي، هوليون يار ڏسن ٿا.
چوليون يار ڏسن ٿيون.
توڙي راجڪماري آهي،
پوءِ بہ هوءَ ڏکياري آهي،
هن جي در تي رٿ سٿيل هن،.
مهراڄن جا ميل مٿل هن،
ڏکيارين ٻاين جا چهرا، گوليون يار ڏسن ٿيون،
چوليون يار ڏسن ٿيون.
پريان هوءَ ٻانهيءَ جي ڪُتيا،
تنهن جا پيي سپ اُڏما گهٽيا،
ٻار ڏسن پيا محلاتن کي،
۽ تارن جي باراتن کي،
ٻانهيون مهراڄن جون ويندي، توليون يار ڏسن ٿيون.
چوليون يار ڏسن ٿيون.

ڏور وڃان ٿي ڏور ،
اڃان مان!
ڏور وڃان ٿي ڏور.
آيو آهه جوانيءَ تي جهڙ ،
ڪاري رات ۾ ڇن تي ڦڙ ڦڙ ،
من ۾ اڌما ڇلڪايا هن ،
سار سندا سر منڊ ڳڃايا هن ،
ڪجهه ته گهٽا مان گهور ،
ها ها ، گهور ،وڃان ٿي ڏور ،
ڏور وڃان ٿي ڏور.
بوندون بند ٿيون اُپ ٿيو واري ،
آنءُ اُڃايل ڪا پاٽياري ،
ڳوليو ڳوليان پيئي ڄاڻي ،
تي هان اُڄ جي آنءُ ڪهاڻي ،
سَنڌ سَنڌ تائين سور ،
الا! مان سور ،وڃان ٿي ڏور ،
ڏور وڃان ٿي ڏور.
ڪنواري خواب جو درد نه ڄاڻي ،
اڄ پي منهنجو پيار نه پاڻي ،
جيون جوين گهڙيون ٻه چار ،
پوءِ ته نه آهي ڪا ٻه ميار ،
دنيا جي ڏک جو دستور ،
نه ڄاڻي مور ، وڃاڻي ڏور ،
ڏور وڃان ٿي ڏور.

وچـي سـج شـفق جـو اُٿـي ڄـڻ تـہ چـار:
وري شـــام ۾ جـــام جــــو آ خمـــار.

اهـا ڪونـــج جـــي گونـــج گرمـــائجي،
پرهــــ ڪـــان وري مـــاڪ شــــرمائجي،
۽ ٿـارن مـان ٽـم ٽـم ڪنـدي ٽي وسـي،
ڪـري پـونء جـي ٽـي مٿـان ڄـڻ ڦهـار:
وري شـــام ۾ جـــام جــــو آ خمـــار.

اهـا ڇيلهـ چنچـل ڪـي ڏئـي لـوڏ ٽـي،
فضـا مـان پـري مـڌ پئـي ٽـي پئـي،
ڳلـن تـي ڦٽـي ڄـڻ تـہ ڪچنـار آهـ،
هٿـن تـي ڦٽـو آهـ مينـديءَ جـو ڏار:
وري شـــام ۾ جـــام جــــو آ خمـــار.

وري اڄ تـــہ محفــــل ڪــــا گرمـــائجي،
وري دل ڇـوي ٽـي تـہ ڪجهـ ڳـائجي،
حيـاتي وچـي ايئـن نـہ گـذري متـان،
آ جنهـن تـي نـہ هـاڻي رهيـو اعتبـار:
وري شـــام ۾ جـــام جــــو آ خمـــار.

لهـر تنهنجـي قدمـن تـي سـجدا ڪـري،
سنڌء پيـر ڪـان ڪيـن ٽٽـي تـي پـري،
سـپون ڪـوڏ توتـان نچـاور ٽيـن،
ڪـري سمنـڊ ٽـو توڪـي پـڻ نمسـڪار،
وري شـــام ۾ جـــام جــــو آ خمـــار.

ڇوري ڇت تي لغڙ اُڏائي،
گهوري منڙو گهائي!
هائي!
گهوري منڙو گهائي.

هن جون ڇاتيون ڇُلڪا ڪن ٿيون،
ڪنواري من کي اُلڪا ڏين ٿيون،
لغڙ هوا ۾ ايئن لهرائي،
چنڊ نديءَ ۾ جيئن لهرائي!
گهوري منڙو گهائي،
هائي!
گهوري منڙو گهائي.

شفق فضا ۾ رنگ رچائي،
ماڻهن جو ٿي من بهلائي،
ڪويل کي ڏاڍو ريجهائي،
ٻيري ڪان پيي ڪجهه ٻارائي،
گهوري منڙو گهائي،
هائي!
گهوري منڙو گهائي.

جيئن ٿي اک سان اک ٿي اٽڪي،
لال لغڙ کي ٽوڙيو جهٽڪي،
ويئي جو هي ڏور ڇڏائي،
وائڙو ٻڇي ٿي واجهائي،
گهوري منڙو گهائي،
هائي!
گهوري منڙو گهائي.

ڪنهن جو خيال نہ دل ۾ آڻي،
سوئي گوالو مڪتي ماڻي،
جي بيهي پٽ تي واجهائي،
پاڇو هن جو جڳ پڇتائي،
گهوري منڙو گهائي،
هائي!
گهوري منڙو گهائي.

ياد اچين ٿو يار ڙي،
مون کي تنهنجي سار ڙي!

ٻور پڪو ايئن انبڙيون آهن،
مينهن وٺو جيئن ڪنيڙيون آهن،
ٻر جو ڦڙ ڦڙ يار ٿئي ٿي،
نينهن نگر جي پار نئي ٿي،
بادل تنهنجا وار ڙي!
نيڻ ڪجل جي ڌار ڙي، ياد اچين ٿو يار ڙي!

تنهنجا نيڻ سمندر جهڙا،
پوڇا جي لئه مندر جهڙا،
لهر لهر ۾ موتي آهن،
تارا تنهنجي پوتي آهن،
سڀ تنهين ۾ سار ڙي،
تنهنجا آر ۽ پار ڙي، ياد اچين ٿو يار ڙي!

ڇولين جيان ڇاڇولين ٿو اڄ،
ڪويل وانگر ٻولين ٿو اڄ،
ڪڏهن منهنجي مون ۾ آهين،
ڪڏهن تون ئي تون ۾ آهين،
اُهي سڀ تنهنجا آر ڙي!
ڪنهن کان ناهين ڌار ڙي، ياد اچين ٿو يار ڙي!

واءُ ملائي پنن سڪن کي،
ٻوليون سارن ٽا!
ڪوئل جون،
ٻوليون سارن ٽا.

سپ ستارا مذ چڪو ٻي، هاٿي يار ستا،
ناچ چڪوريءَ جو نہ انهن کان وسريو آهي مور،
بند ويا ٽي سپ اوتارا، مجرا، مذ - گتا،
پيئندڙ سوچن سپنن سان ۽ من ۾ پيو تن پور،
لوليون سارن ٽا،
پايل جون،
لوليون سارن ٽا!

هيل تہ سارو سنڌو ٻي ٽي آهي ويو صحرا،
هاءِ پروڪن پرديسين هٿ ميلا ڪيا پڪين،
۽ هو ٽوليون ٽولين ۾ هيون، جڳ جوڙا جوڙا،
هاڻ تہ ڏسندي ئي هي صحرا سور ٿيو سڪين،
ٽوليون سارن ٽا،
ساحل جون،
ٽوليون سارن ٽا!

اڄ جنهن جي گهر جاني آهي، ان وٽ خوشيون ڪوڙ،
ڇوڏاري ڇڻ ڇڙي پون ٽا، چاهت جا ڪي ڇنگ،
منهنجو جيءُ رُسي ويو جڳ ڪان، ڏسندي ٻياسپ جوڙ،
وچڙيل پيار سنديون هي راتيون ۽ هي سارا رنگ،
هوليون سارن ٽا،
گهايل جون،
هوليون سارن ٽا.

چوڙين جي رُت آئي،
گوري!
چوڙين جي رُت آئي.

چا تہ شفق تي جوت جلي آ،
پنچي اُڏرن نيرا نيرا،
بنسرين ۾ شام ڍلي آ،
ڳائي ٿي اڄ ڪنٺ تي ميران،
پنر-ملن جي وائي،
گوري!
چوڙين جي رُت آئي.

دور دور نَيا ۾ مانجهي،
تن جي سڙهہ جا ٻڌ تون ڦڙڪا،
هاڻ ٿي پائي پايل سانجهي،
دور ستارن جا هو چِڙڪا،
سانت بہ سيند وڄائي،
گوري!
چوڙين جي رُت آئي.

مانجهي آنديون آهن چوڙيون ،
دور پريان ڪنهن اُوتڙ تڙ مان ،
پنهنجون ڪل ڳنوائي موڙيون ،
ڪَتيءَ جي تہ ڪنهين ڪڙ مان ،
هن ڇڻ جان ڳنوائي ،
گوري!
چوڙين جي رُت آئي.

پر ميران جو شيام نہ پرتو ،
ڪائين رات پرين آ پيئي ،
چوڙين جي گيتن ۾ ڏسي ڪو ،
ان جي جان ڇتي آ پيئي ،
سورن جي سرهائي ،
گوري!
چوڙين جي رُت آئي.

هر آشا تي هڪ نراشا ،
هر جيون تي دوش ،
او پکڻي!
هر جيون تي دوش.

منهنجا ساٿي صبح ويا سڀ ،
توکان ساڪميا ،
راما! تنهنجي راز بنا هو ،
راهي جيڪي رميا ،
تن کي ناهي هوش ،
او پکڻي!
هر جيون تي دوش.

پيرين پنڌ هليا جي تولئه ،
تن لئه ڪوهه به ڪوهه ،
تن جو ڇا ويو ساڻ ٿوابن ،
سي ڇا ڄاڻن ڏوهه ،
برهه ڪيا هن جي بيهوش ،
او پکڻي!
هر جيون تي دوش.

تن جي ڪرم ڪمايا ڪايا ،
تن جي رتي نہ ڳڻ ،
ڪنڊلا ڪاريءَ رات ۾ تن جا ،
ڪيئن ٿا ڪن چڻ چڻ ،
پور انهن جو پوش ،
او پڳتي!
هر جيون تي دوش.

راما هاڻ رساماڻ ڇڏ تون ،
پنهنجا ڪر ڪرم ،
منهنجي پويان ٻچڙن جا ڪر ،
سکيا ست جنم ،
ڏي تون سوپ ۽ سنتوش ،
او پڳتي!
هر جيون تي دوش.

(راما پير جي پانڌيئڙن جو گيت)

بن ۾ بين وڄائي،
گوري،
پريتم ڪي پرڇائي!
جنم جنم، ڪان هن ڍونڍيا هن،
پانت پانت جا ڪيت،
هن جي نيڻن يار ڏني آ،
صحرا جي ڄڻ ريت،
گهوري پئي تي گهائي،
گوري!
پريتم ڪي پرڇائي.
چانڊوڪيءَ ۾ هيءَ لڳي ٿي،
چولستاني چنگ،
اندلڻ وانگر چاهه ڪيو تس،
رنگن جو هي ونگ،
پنهنجا انگ نچائي،
گوري!
پريتم ڪي پرڇائي.
بين منجهان برسائي پئي ٿي،
اندر جو سڀ حال،
سپني تي اٿي ڪڙي ٺئي،
چرڪي ڏيئي چال،
واڻون پئي واجهائي،
گوري!
پريتم ڪي پرڇائي.

لهر لهر جو کيل آ جيون،
دنيا آ درياهہ،
او مانجهي،
دنيا آ درياهہ.
ڪيڏا رَڃ وڏا آهن تو،
ڪيڏا مَڃ ڦاسائي وينين،
پر تنهنجي دلڙيءَ جي ڪنجي،
آهہ ملاحڻ جي منيءَ پر،
هي بسنتي رُت ڇانئين آ،
ڇا ٿو سوچي هاڻ ملاح،
او مانجهي،
دنيا آ درياهہ.
پوياڙيءَ جو جاڙا هنج هي،
دور دور پيٽن تي اڏرن
تن سان ڪيئي ٿهڪ فضا پر،
چڙي پيا جوين جا سرگم،
مونجهو ڇو ٿئي ساهہ،
او مانجهي،
دنيا آ درياهہ.
جنمر جنمر جي جاڳ اکين پر،
پورن جون ڪئي شامون آهن،
من جي مونجهہ سمندر آهي،
لهرن اندر لامون آهن،
جن جو ناهہ اُٿاهہ،
او مانجهي،
دنيا آ درياهہ.

غزل

ڪوتا پوپريءَ جا هنيلا ۽ ڪومل رنگ ڪنهن جي هردي ۾ مستقل ٽڪي پون ته ماٺهوءَ جي من جو وحشي پڻو گلاب جي نفيس ڇهاءَ جو واسو بڻجي پوندو آهي. شاعر جنهن ۾ نفاستن، نزاڪتن، محبتن، عقيدتن، عبادتن مطلب ته هر فرد جي سمورين گهرجن جو پورائو ٿيل هوندو آهي. سنڌي شاعري جي ڪيتر ۾ غزل جي حساب سان جن شاعرن جي رچنا پڙهي يا ٻڌي دل جي ڪيت ۾ تتر ٻولڻ لڳن ٿا انهن ۾ رحمت الله پيرزادي جو نالو بنا ڪنهن ذاتي

،پسند جي ڪٺان ٿو. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ رحمت الله سنو ۽ معياري لکڻ جي باوجود بہ گهڻو ڇپيو ناهي، انهي جا ڪهڙا بہ سبب هجن پر رحمت الله جي تخليق جو پهريون ڳڻڪو پڙهندڙن جي جوهر اکين کي ڇهندو تہ لفظن جي تازگي ۽ خوشبوءِ سندن دل جي پاتال ۾ لهي ويندي. هونءَ بہ جنهن کي جيتري سچائيءَ سان چاهبو آهي ان کان اوتري بهتر موٽ ملندي آهي، مون ڪوتا ڪامڻ کي محبوبا جيان پنهنجي دل جي سمورين سچاين سان چاهيو آهي ۽ رحمت الله وٽ شاعريءَ جو اوتروئي قدرآهي. منهنجو ايمان آهي تہ شاعري يا ڪابہ تخليق ان ئي ماٽي تي امرتا جا تاج رکندي آهي جنهن پيشانيءَ تي مسلسل جاڳ جي سفر جا ٽڪ هجن. شاعري بظاهر سرمد جي اگهاڙپ بہ آهي تہ اپيچند جي اکين ۾ الاهي نور جو اولڙو بہ ۽ تاريخ جي ورقن تي سرمد سونهري اکرن جيان چمڪي رهيو آ تہ فتوائي ملا وقت جي دز ۾ ڳولي بہ نٿا ملن. رحمت الله جي غزلن جي لفظن جو سفر هر سنو پڙهاڪو پڙهي پنهنجو ٽڪ لاهي سگهي ٿو. هونءَ بہ شاعري اها جوڳڻ ٿيندي آهي جنهن جي بين تي ڪاريهر مدهوش ٿي رقص ڪندا آهن ۽ پنهنجو وجود پلجي سر جي سحر ۾ سحرجي ويندا آهن، اڃو تہ سنڌي شاعري جي باغ مان نئين گل جو سڳنڌ وٺون رحمت الله جي غزل جو گل ان گل وانگي ناهي جنهن جي رڳو هڪ موسم ٿيندي آهي. سا بہ رڳو ڪجهہ وقت لاءِ پر رحمت الله جي جسم ۾ هڪ انوکو روح موجود آهي، هڪ هلچل هڪ زندگي تازگي ۽ تشنگي مؤجود آهي. اهڙي تشنگي جا سمنڊ پي بہ اُڃي رهي ۽ هڪ سحر جنهن ۾ رڳو مدهوشي ناهي پر هڪ انوکو سرور بہ آهي ۽ ان انوکي سرور لاءِ من جو جوڳي مسلسل سفر ۾ رهندو آهي. اچو تہ شاعري جي حضور ۾ سر جهڪائي عشق جي اعلٰي عرفان جو رتبو ماٺيون ۽ پنهنجي من جي اپاٽڪائيءَ ۽ وياڪلتا کي هڪ بلند رتبو عطا ڪريون.

ساحر راهو

(شهمير راهو)

هـو ينائي سـڏائي پيـو شـهر ۾،
۽ تنبوري تـي ڳائي پيـو شـهر ۾.

ڪالهہ ڪـان هئـي هتـي مـوت جـي خامشـي،
ڪوئـي تـاڙي وڄـائي پيـو شـهر ۾.

چنـڊ چـو رات سـاري سـتو ڪـو نہ آ!
ڪيـر تـو موڪلائـي پيـو شـهر ۾؟

مـون ڪـي نفـرت جـي بدبـوءِ اچـي تـي هتـان،
زهـر تـو ڪـو ملائـي پيـو شـهر ۾.

ڪالهہ منهنجي بہ سامهون هيو هو لنگهيو،
اڄ چـون تـا تـہ گهـائي پيـو شـهر ۾!

آتمائن ۾ رهان ٿو،
چاهنائن ۾ رهان ٿو.

ڪيترو ڏوهي بہ آهيان،
پر دعائن ۾ رهان ٿو!

ڪوئي پنندڙ بار آهيان،
شاهراهن ۾ رهان ٿو.

شخص آهيان خواب جهڙو،
۽ ڪٿائن ۾ رهان ٿو.

بيوفا جي آهيان مان،
ڇو وفائن ۾ رهان ٿو؟

باهہ جو شعلو چوي ٿو،
ڇو چتائن ۾ رهان ٿو!

مان خدا جو روپ آهيان،
۽ ادائن ۾ رهان ٿو.

تنهنجي ڳلڙن کي ڇهي جو هير وئي،
ٿي گهڻا ڪائي نئين تصوير وئي.

هوءَ هجي هان پوءِ پل ڪنهن جي سهي،
جڻ تہ خوابن ساڻ گڏ تعبير وئي.

هٿ مصور جا پهر ڏڪندا رهيا،
مورتي نيڻن مان نائي نير وئي.

موت سهڻيءَ جو رڳو ٿي موت ناهہ،
خوابَ ميهر جا ڪٺي جڻ سير وئي!

دل تہ پنهنجي ان دريءَ ۾ آ ٽنگيل،
جت ليئا پائي، ڏئي هوءَ جهير وئي.

جي سپنا ايندا هئا مون ڏي سي ساجن! ڪيڏا رول هيا ،
ان وقت هو جوين ول وانگر ، ان وقت اهي انمول هيا .

هر روز گـُـوَيو ايندو هو ، من ڏارون ٽيندو هو ،
هو پولن جا جي جهول هيا ، سي ڪيڏا رنگ رتول هيا .

بس ڏور ڏسن پيا هي ڏاها ، ايڪيهين صديءَ جي هيءَ ڪٿا ،
هي مرڪون ڪوڙيا سڪا هيون ۽ چهرا خالي جهول هيا .

ڪا مرڪ ٽٽل اچ ڪڙڪيءَ جي پردي تي ڪري ٿي پن ڇڻ جيان ،
ڪيڪار هئي ، جا هار هئي ، اهڙا تہ نہ تنهنجا ٻول هيا !

ڇو رهيس هر شخص جي مان قياس ۾،
ڇو نه مان سورج ٻٽيس آڪاس ۾.

اڄ ستارا پي نه تا دل کي وڻن!
ڇا نه هوندو درد پوءِ احساس ۾.

ساهه ان جو ويو اڏي آڪاس ڏي،
ڦٿڪيو جو ساهه جي ئي ٿياس ۾.

درد منهنجو پي سين جهڙو هيو،
سور ايئن ئي آهه ڇيندو ماس ۾.

نئين ڪٿا ڪا روح منهنجي جي هئي،
تل، ترايون ٿي ويو جو تاس ۾.

درد پي هاڻي مٺو پيو ٿو لڳي،
وقت پي گذري پيو ٿو آس ۾.

ايندو جو در تي صبح سان هو مئہ فروش آ ،
لڳندو مون کي الائي ڇو خانہ بدوش آ.

ساقيءَ جا نيڻ ڇڻ تہ ڪوئي مئڪدو ٿيا ،
سو رند آ ڪڇو هتي ، جنهن کي بہ هوش آ.

ڪوئل وڃي اگڻ مٿان اُڏندي انهيءَ طرف ،
جنهن ديش ۾ دفن ٿيل ، خانم گگوش آ.

شاعر ، ڇريا ، اُداس ، تون پنهنجو ڪو هوش ڪر!
بيهوش زماني جو پيلا کھڙو دوش آ.

چالاءِ ناهيو پيا بارود اٿمي ،
عيسيٰ ڏسو ٿياس تي ڪيڏو خموش آ.

زندگــي جيئـــن بيقـــراريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر ،
يـــاد تنهنجـــي دل جـــي واريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر.

ڪـٽ اسـان جـي دل رهـي ۽ ڪـٽ اوهـان جـو پيـار آ ،
چـــانڊني جيئـــن ريـــگزاريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر.

جنهـن ڪيـو تخليـق مـون ڪـي مـان سـچو ان جـو ٿيـان ،
ســوچ اهـــڙي عمـــر ســـاريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر.

جنهـن ڪي هيـو محبـوب جي هـڪ واعـدي جـو ئي ڀرم ،
آس ان جـــي يـــار لاريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر.

نيـڻ جنهـن جـا هـر گهـڙيءَ هـٺـا بـاوضو لڙڪـن ڪيـا ،
دل انهـــيءَ جـــي اشـــڪباريءَ ۾ رهـــي آ عمـــر پـــر.

جڏهن هي رات ٺرندي آ، جڏهن تون ياد ايندي آن،
چپن ۾ باهہ ٻرندي آ، جڏهن تون ياد ايندي آن.

جڏهن ڪا هير لڳندي آ، تہ ايندي ياد تنهنجي آ،
وري سا هير ورندي آ، جڏهن تون ياد ايندي آن.

نئين هر صبح سان سجني، ڀنل ڪرڻن جي بارش ۾،
اکين ۾ ماڪ ترندي آ، جڏهن تون ياد ايندي آن.

جڏهن ڀي آنءُ ڏسندو هان پرين ٽالهيءَ جي ٽارين ڏي،
تہ ڪويل ڪوڪ ڀرندي آ، جڏهن تون ياد ايندي آن.

اڄ تہ ڪويل صفا چڻ چري ٿي لڳني،
ڪوڪ بندوق کان ڀي ڳري ٿي لڳي.

ياد جي جيڪا لوري وري هئي وئي،
سا اڄهائي اڄها بس وري ٿي لڳي.

مون اکين سان هو مرڪي سڪيءَ کي ڇيو،
تنهنجي ننڊڙي تہ بلڪل پري ٿي لڳي.

جنهن مان تنهنجون ادائون ۽ مُسرڪون ڏسان،
شاعري تنهنجي گهر جي دري ٿي لڳي.

هن جي وارن جون ڪهڙيون سڳنڌون لکان،
ڀاڪرن ۾ گلن جي ڀري ٿي لڳي.

ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ ڏانءُ ڏيندس آنءُ،
پنهنجي حصي جو ٿانءُ ڏيندس آنءُ.

جنهن کي ڪوئي بہ نانءُ ناهي ڏنو،
ان کي ڪوئي بہ نانءُ ڏيندس آنءُ.

زندگي نيٺ هار ڪائي وئي،
هار کي پنهنجو هانءُ ڏيندس آنءُ.

ڪوئي ماڻهو اگر نہ آيو پوءِ،
پٿرن کي ئي ڇانءُ ڏيندس آنءُ.

ٿي چوين پيار توسان منهنجو ناهہ،
ساهہ توکي ٿي پانءُ ڏيندس آنءُ.

چئيـن چــو تــو چــري آ دل ،
وري تـــــــو ڏي وري آ دل.

فلڪ کان هن زميـن تـائين ،
سمـــوري ڏک پـــري آ دل.

ڏنـا هـا نيـڻ مـون جـاتي ،
اُهــــا هـــائي دري آ دل.

صدين جو ٽڪ چمي تنهنجي ،
ڇپــن تــي ٿــي ٻــري آ دل.

سـکي چـو وار ٿـي ويڙهيـن؟
اجـــا ڪـــاٿي پـــري آدل.

هـــاڻي نـــاهي وهـــم گمـــان
دل تــي ڪونــ رهيــو ايمــان.

موسم ، مينهوڳي ، مـڌ-رات
ســارو ســورن جــو ســامان.

منهنجـــي هـــاڻ مقـــدر تـــي
بيــوس ٿــي ســوچي پڳــوان.

ناتڪ تــي پيــو ٿهــڪ ڏئــي ،
آڏيءَ جـــو خـــالي ايـــوان.

ڪيئن تــ ڳـايو ميگهــ بــ تــو
اوءِ گـــوالا گـــورڪ تـــان.

تون بہ چا ھين، مان بہ چا،
چار پُـــڪ ڪـــي ڏوڙ جـــا.

آدمـــيءَ جـــي زندگـــي،
آدمـــيءَ جـــو مـــوت آ.

خـــواب ۾ تـــارا، ڪتيـــون،
جـــاڳ ۾ تنهنجـــا گهگهـــا.

آخـــري ٿـــي چيـــخ ۽،
پـــوءِ ســـاري مـــات آ.

جيتـــرو تـــون ســـادڙو،
اوتـــرو اونهـــون منـــا.

ڪيمـــرا مرڪـــي ڏنـــو،
هن بہ مرڪيـــو ڪجهہ تہ آ.

پرت وارن کان پڇين تو، آنءُ ڪاڏي تو وڃان،
يا نغارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

سڀ صراحيون اندلت جيئن رنگ سڀ نائن پيون،
تون متارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

رات پر تي يار جي محفل سجي مئہ - جام سان،
تون ستارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

شام جو تو سج سسئي جي ڪڙيءَ جيان لال ٿئي،
ڪوهسارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

ڪيئن مون پٿر تراشي مُورتي تخليق ڪئي!
شاهپارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

شام ساري يار واريءَ ۾ هلياسين پاڻ ٻئي،
اڄ ڪنارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

حسن مستيءَ ۾ اچي تو، ڇير ڇمڪي ٿي جتي،
گنهگارن کان پڇين تو آنءُ ڪاڏي تو وڃان؟

ڪير چوندو تہ سڪ ڏنو آهي،
جنهن بہ تنهنجو هي رُخ ڏنو آهي.

اڄ مون مٿہ جي عروج کي پهچي،
زندگانيءَ جو ڏک ڏنو آهي.

مون تہ بوءِ-حصار ۾ ويهي،
اڄ عجب واڳهہ-نڪ ڏنو آهي.

روح رابيل جو ڏکي ويو جنهن،
تنهنجو معطر هي مُشڪ ڏنو آهي.

سو تہ رسوا يا تي چريو ويو آ،
جنهن جوانيءَ جو جُڪ ڏنو آهي.

مــــڌ ۾ ملائـــڻ لاءِ اڄ تـــــ چـــاندي آهــــي،
ســـور تنهنجـــو ڳـــائڻ لاءِ اڄ تـــ چـــاندني آهـــي.

ســـوز-دل ۾ ٻـــوڙي ڪـــي شـــعر اڄ نـــوان چئبـــا!
پيـــار ســـان نبـــاهڻ لاءِ اڄ تـــ چـــاندني آهـــي.

حسن کي زهر سمجهـي، پيـار کي ڪفـر سمجهـي،
زندگـــــي ويـــائڻ لاءِ اڄ تـــــ چـــاندني آهــــي.

ڪهڪشـــان جهڪاياســـين فـــاصلا مٽـــائڻ لاءِ،
پيـــار تنهنجـــو پـــائڻ لاءِ اڄ تـــ چـــاندني آهـــي.

ڪوئـي ڳـائي پيـو جوڳـي، پنهنجـي هلنـدي ٽوليءَ ۾،
جســــتجو وڌائـــڻ لاءِ اڄ تـــــ چـــاندني آهــــي.

ســـٽ ۾ مـــري ڏســـجي، ســـونهن ۾ تـــري ڏســـجي،
ســـوز ۾ سمـــائڻ لاءِ اڄ تـــــ چـــاندني آهــــي.

ڳـل کـي چمـي ڏسـجي، ســج کـي ڇهـي ڏسـجي،
دل وري لڳـــائڻ لاءِ اڄ تـــــ چـــاندني آهــــي.

جي تون چوين ٿو سهڻا! آ بنسري اجائي،
منهنجي سري اجائي، ڪيجي ڪري اجائي!

سپنن جي ساپيان جو سپنن تي ڏوهه ڪهڙو،
ڇا دل هي پوپٽن جيان ڀُڻ تي ڀري اجائي؟

ڪاري نہ آهہ ڪائي، پيو چنڊ ان کي گهوري،
پٽ تي ڪري پئي آ جهنگ ۾ سري اجائي.

ڪوئي انهيءَ جي من ۾ بالڪ-پٽي کي پوڇي،
هوءَ چال جا ڏئي پئي تي ڇيڳري اجائي.

هڪ دل هزار صدما، هو مئڪدو آ رسوا،
ايڏو ڀُلي اجائي، ايڏو هري اجائي.

لڳو تہ دل جو پيار جڻ صـديءَ ۾ روشـني هئـي،
اسان جي عاشقيءَ جي پٽيءَ ۾ روشـني هئـي.

ڪا حاڪمن جي سلطنت تي پونءِ وئي اُماس جي،
فقيـر جي لبـاس تي چٽيءَ ۾ روشـني هئـي.

جڏهن بہ رهنما وڪامجي ويا ديس جا سيئي،
تہ عاشقن اڳيان رڳو خودڪشيءَ ۾ روشني هئي.

هي شهرتن جي ديس جون اوهان کي ئي مبارڪون،
اسان لئہ شاعريءَ سندي بتيءَ ۾ روشـني هئـي.

جڏهن بہ آس تياس تي چڙهي ۽ خـواب رک تيا!
اسان جي ڪاري رات لئہ ڪتيءَ ۾ روشني هئي.

هيءَ حقيقت ايئن مجازي تون نہ ڪر،
شاعريءَ سان روح راضي تون نہ ڪر.

ماه و انجم تا تيئن توتي نثار!
ايتري ڏس بي نيازي تون نہ ڪر.

تون تہ پنهنجا لفظ ايئن وڪڻي نہ وڃ،
ايئن نہ ڪر ايئن سنگ بازي تون نہ ڪر.

ايترو تنها اُفق تي چنڊ جان،
پنهنجي شاعر جو تہ ماضي تون نہ ڪر.

حالتن کان ٿي اڳي رسوا ڏسڻ،
بربريت جي هيئن بازي تون نہ ڪر.

زندگي جڻ غبار ۾ گذري،
تنهنجي چپڙن جي پيار ۾ گذري.

هوءَ ايندي ته دل ٺڙي پوندي،
ڪا تمنا بهار ۾ گذري.

تو به چاهيو گهٽو پرين مون پي،
ڪنهن جي پوءِ اختيار ۾ گذري.

ڪنهن جي هن پار رات ٿي پوري،
ڪنهن جي هن ئي ته پار ۾ گذري.

هيءُ گلن تي حسين قيامت ڏس،
ڇا ته پوئين بهار ۾ گذري.

رات ڪوئي به بار ڪونه هيو!
رات ان ئي ته بار ۾ گذري.

کنهن جي سوچيو ۽ کنهن نہ سوچيو جي،
ڪجهہ ڇٽي ويو تہ ڪجهہ ڇٽيو هوندو.

پنهنجو برباد قول جوانيءَ جو،
ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ پوءِ وٽيو هوندو.

ڪنهن پري-وش جي رات گذري هت،
ڪجهہ نہ ٻڌجي بہ ڪجهہ ٻٽيو هوندو.

رات تارو لٿو هو محفل ۾،
ڪنهن جي رمجهول جو مٽيو هوندو.

جهڙو رسوا رهي ويو جڳ ۾،
ڪنهن نہ اهڙو اڳي ڇٽيو هوندو.

ڪڏهن نخچير ۾ آهين، ڪڏهن زنجير ۾ آهين،
ڪڏهن سنسار جيڏو آن، ڪڏهن ڪنهن وير ۾ آهين.

ڪڏهن سجدن اڳيان آهين، ڪڏهن سجدي منجهان آهين،
ڪڏهن تصوير ناهيندڙ، ڪڏهن تصوير ۾ آهين.

ڪڏهن آهين شڪاري تون، ڪڏهن تون تيو شڪار آهين،
ڪڏهن تون زخم جي لذت، ڪڏهن تون تير ۾ آهين.

ڪڏهن جهرمٽ ستارن جو، ڪڏهن تارا لٽاڙين ٿو،
ڪڏهن تون سَير ۾ آهين، ڪڏهن تون سير ۾ آهين.

ڪڏهن رسوا، ڪڏهن پيارو، ڪڏهن عاقل، ڪڏهن پاڳل،
ڪڏهن تون تاس ۾ آهين، ڪڏهن تاسير ۾ آهين.

کيتري ساڇاھ زخمي، شاعري ڄڻ چوٽ آ،
زندگي شطرنج جي ڪائي انوکي ڳوٽ آ.

ڪيتريون ڪڪريون اُفق تي چنڊ تن ۾ آ گھريل،
پوءِ بہ آھي بي بدل ھو ڄڻ تہ گھايل گھوٽ آ.

سپ جو سينو گھري ٿو ڄڻ تمنا ڪا پٿر جي،
ڪيترو موتي مهانگو، موت ان جي موٽ آ.

زندگي ھڪ، ھيڪلو من، رات ڪاري، ٻاٽ ۾،
سانت آھي سرد جهوتو، پُوھ جي پالوٽ آ.

ياونا جو ڇوڙ ڪونهي، مسئلو جي آھہ پيار،
ڪيترو جيتيو بہ آ من پر اڃا ڪا کوٽ آ.

تختہ دارو رسن، جنهن ۾ مُقَيد ڄڻ تہ من،
ٿر انهيءَ جو خواب آ، پر چنڊ تائين ڪوٽ آ.

اوهان جي ياد آئي آ،
سَمي تي سهائي آ.

خَرد جو آخري چيڙو،
بہ تنهنجي ئي خدائي آ.

ڪنول تي ماڪ جي موسم،
خدا ڪهڙي نہ ناهي آ.

اداڪاري نہ آ جيون،
اداڪاري اهائي آ.

عقل تاريخدان آهي،
انهيءَ تاريخ ڊاهي آ.

پرين توسان نباهڻ لئہ،
اسان دل سان ڦٽائي آ.

خدا هڪ ڪوزه - گر آهي،
انهيءَ سان لَنءُ لڳائي آ.

رڪيو آ موت پيرن ۾،
رسي تائين رسائي آ.

عُروج شوق ڏس رسوا،
رُباعي دلرُبائي آ.

ڪونه بچيو آ ڪوبه صفحو،
ڇاتي رات غزل لکبو.

۽ جي رات نه ڪجهه به لکيو!
پنهنجو ڪيئن گذر ٿيندو؟

هن سوچيو پئي آئينو،
ڇا اڄ مون تي سوچيندو؟

منهنجي دروازي مان اڄ،
ڪوبه نه آيو، ڪو به، نه ڪو.

اڄ جي ناهي آيو هو،
پر جي آيو اڄ ته پو؟

ديوارن تي خاموشي!
شايد ڪو پردو ڪڇندو.

جيون معنيٰ آهي ڇا!
ذرتيءَ ۾ ڄڻ سج-ٽپو.

هي جيون گهگهه انڌيرو آ،
مون پوءِ به سچاتو پيرو آ.

ڪنهن ماڻهوءَ جو من هيرو آ،
ڪنهن ماڻهوءَ جو من ميرو آ.

جنهن وقت چندرما باهه ٻري،
تيو رڪ اڪين - آڪيرو آ.

ڦولار ڦٽي آ ايڏي چوا
تيو شعلا ديرو ديرو آ.

هر ماڻهو ذاريو چو آهي،
هي مند مٽيءَ جو ڦيرو آ.

توڪي جو ٻه وٺي سو ڪڻ،
شعر نئون ياهو وڻ.

پيار بنا هر مذ پياڪ،
پاپي هوندو آهي جڻ.

توڪي پنهنجا هٿ آهن،
تنهنجي مرضي ڇا ڪي هڻ.

بنسيءَ ۾ ريدار مگن،
دور چري پيو هن جو ذڻ.

چند نسورو سُور اڙي!
ڪنهن ماريو هي آهه هرڻ؟

کنهن تمنا جي تاس جهڙو هو،
منهنجو حصو اُماس جهڙو هو.

هن سان ماضيءَ ۾ ويڇڙايون هيون،
هو تہ سانوڻ جي واس جهڙو هو.

منهنجي عينڪ جي شيشي تي تنڪيل،
هڪڙو چهرو نراس جهڙو هو.

هن سان چاهت نہ هئي فقط مون کي!
مون ۾ منهنجي ئي ماس جهڙو هو.

ڪلهہ بہ بم جو هتي ڌماڪو ٿيو،
شهر سارو خراس جهڙو هو.

پيچرن ۾ موت جهڙي سانت آهي،
يا بدن ۾ موت جهڙي سانت آهي.

گيت جنهن جي ذهن تان سڀ ويا ڊهي اڄ،
ان جي من ۾ موت جهڙي سانت آهي.

وقت سڀ احساس پنهنجا ويو کڻي يا،
اڄ صفحن ۾ موت جهڙي سانت آهي.

ياد جو سگريٽ آهي ٻن چپن تي،
۽ لڱن ۾ موت جهڙي سانت آهي.

چور گهوڙن تي اچن ٿا چانڊني آ،
۽ سُنبن ۾ موت جهڙي سانت آهي.

ڪلهه قبر تي ڪو رکي آهي ويو جي،
تن گلن ۾ موت جهڙي سانت آهي.

منهنجو هر احساس ويو رهجي تو وٽ،
قول رهيا هت واس ويو رهجي تو وٽ.

منهنجي نيڻن تائين پهتي چانڊوڪي،
چنڊ جو سارو ماس ويو رهجي تو وٽ.

منهنجي سپنن ۾ هئي خالي اونداهي،
تارن سان آڪاس ويو رهجي تو وٽ.

هن جي شعرن کي ڇا تو تشبيهه ڏئين،
نيٺ تہ هو ٿي ناس ويو رهجي تو وٽ.

اي ڌرتي گمنام قبر جو حصو ٿي،
ڪوئي ڪاليداس ويو رهجي تو وٽ.

رسوا پهتو نيٺ قبر جي ڪندر ۾،
هن جو ڪل ميراث ويو رهجي تو وٽ.

چنڊ چوي پيو آهي ٻاهو،
آنءُ چوان پيو رُڃ ۾ آهو.

اڄ منهنجي نيڻن ۾ ڏسجان،
ايندا ڪاڇي جها ڪرلاهو.

ڪيچي جن جي ٻيجي آهيان،
مون ڪان وسرن ڪين الا هو.

سنڌڙيءَ جي تاريخ ۾ ڳوليو،
ڪاتي رهيو فاضل راهو.

رسوا، آئون، چندرما، هُو،
چاندوڪيءَ ۾ زخمي ڪاهو.

امير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ،
اسير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ.

• •

سيئي اُجهاڳ خواهشون، هن آڳ جي نظر ڪيون،
فقير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ.

اُداس ڪاغذن جيان، اُڏن ٿا شهر ۾ سيئي،
لڪير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ.

جي خواهشون اجا ڦٽي، سڙي سلن جيان ويون،
صغير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ.

اُداس هر ڪٿا اٿئي، هي ناولن جو شور سڀ،
حقير مُرڪ مُڪ تي، حقارتن جو ديس آ.

نيڻ شڪاريءَ جهڙا تنهنجا،
هن پاڻياريءَ جهڙا تنهنجا.

خواب تہ وڪڻيئي ۽ هي نيڻ!
خاليءَ ڪاريءَ جهڙا تنهنجا.

وار ڀنيا ۽ گهرا گهرا،
ڻاريءَ ڪاريءَ جهڙا تنهنجا.

پوئينءَ رات جا پار ڏهاڳڻ،
ڏات ڏڪاريءَ جهڙا تنهنجا.

شام عمر جي ايڏي اوڪي،
وار تہ واريءَ جهڙا تنهنجا.

گهاٽ مٿان هي نيڻ نڊاڪا،
راجڪماريءَ جهڙا تنهنجا.

آهہ مزو ڪٿ ڪڻ ڪڻ ۾ ،
ساجن اهڙي پن چڻ ۾.

ڦير نہ آيو آهي هيل ،
سيتا تنهنجي راوڻ ۾.

ڪهڙا ڪهڙا درد هئا ،
آيا ڪهڙا اڄ ڳڻ ۾.

پنهنجي من جا سارا ڦٽ ،
تڙي پنون ٿا ساوڻ ۾.

ڪيڏا آکيرا تہ هئا ،
اڱر تي گهاتي وڻ ۾.

رات ڳوڙهــا ڇــڏي وئــي آهـــي،
ڏک ويڇـــوڙا ڇـــڏي وئـــي آهـــي.

خـطَ ڦـاڙي سـگهي نـہ آهـي سـو،
ورق ڏوڙا ڇـــــڏي وئـــــي آهـــــي.

"منهنجي تصوير تو نہ ڪئي پوري!"،
ســو ويڇـــوڙا ڇـــڏي وئـــي آهـــي.

منهنجــي مــنزل گهڻــو پــري آهــي،
ڏات گهـــوڙا ڇــــڏي وئـــي آهـــي.

ڪـائي وڌوا ســتي ٿيـڻ ڪـان اڳ،
خـــواب ڪـــئوڙا ڇـڏي وئـي آهـــي.

منهنجي آلـيءَ قبر تي هـوءَ وينگـس،
چـــار ڳوڙهـــا ڇـــڏي وئـــي آهـــي.

"مـان ڳجهـارت هـان مـون کـي ٻـيڄ!"
هـــوءَ ڪـــوڙا ڇـــڏي وئـــي آهـــي.

خيرپور جون اي پرين! ڳـاڙهيون ڪجيون ،
تـو بنـا تيـون اڄ لـڳن ٻـاڙيون ڪجيـون.

ڪـو مصـور ويـو هئـو هـن رڻ انـدر ،
ڪنهـن اڇـي تصويـر ۾ واڙيـون ڪجيـون.

تنهنجـي چوتيـن جيئـن آهـن اڄ ڪڙيـون ،
ڏس تـہ صحـرا ۾ اهـي جـاڙيون ڪجيـون.

يـار جـي تـو آر تـي ڏوڏا پتيـن ،
پيـار توڪـي يـار هـي چـاڙهيون ڪجيـون.

يـار جـي بـس انتظـاريءَ ۾ سـڪي ،
هيل مون پنهنجون سيئي ساڙيون ڪجيون.

نظم

ڪنهن بہ تخليق ۾ دل جو روڳ شامل هوندو آهي، حالتن جي جيئن جو تيئن عڪاسي، وٿندڙ يا اڻ وٿندڙ نقش چٽيل هوندا آهن، اهو تخليقڪار تي ڇڏيل هوندو آهي تہ هو پنهنجي اظهار لاءِ ڪهڙي صنف جي چونڊ ٿو ڪري . تخليق جيڪا پاڻ بہ پنهنجي تخليقڪار کي ڳولي لهندي آهي، وٿيس تہ سنگتراش جي هٿن مان جنم وٺي، وٽيس تہ مصور جي برش مان وهڪرا ناهي ڦٽي پوي، وٽيس تہ قلمڪار جي دل جو در کڙڪائي، پنهنجي سدا سهاڳڻ روپ جي

تحفظ لاءِ محبت ۽ زندگيءَ جي بقا لاءِ سندس ئي اندر کي آشيانو بڻائي، کيس ماضي حال ۽ ايندڙ وقت جا اطلاع ڏيندي رهي. رحمت الله پيرزادو جنهن پنهنجي احساسن ۽ جذبن کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ نظم جي چونڊ ڪئي آهي، سندس نظم ٻن چئن يا ڇهن بندن جا آهن، ۽ بامقصد، درد جي ڪيفيتن مان گذرندڙ هڪ اڻکٽ سلسلي جيان روح ۾ لهي ٿا وڃن. پيار، وڇوڙي ۽ اڻ برابريءَ جا عڪس، سندس تهيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ جا موضوع آهن. نظم جي شاعريءَ ۾ عبدالحڪيم ارشد کان وٺي فيض الله پيرزادي، ماڻڪ ملاح، ايوب کوسي، ساحر راهو ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جتي اڻکٽ نشان ڇڏيا آهن، اتي هن اُسرندڙ شاعر رحمت الله پيرزادي به تمام سٺي محنت ڪئي آهي ۽ اڃان زندگيءَ جي سفر مان وڌيڪ تجربا حاصل ڪري اهي موتي ميڙيندو جيڪي پٿي پراڻا نه ٿين ۽ ڪوتا جي ڪاڪ ۾ جوت بڻجي جرڪندا رهندا.

نماڻو سنڌي

آڌيءَ رات جو سڄ لکي ڏي!

پوڙهو مڙس پواڙيءَ مان،
ڪوڏر هٿ ۾، ناڙيءَ مان،
پنهنجي ڪچڙي پٽ کي گهوري،
هيئن چوي ٿو:
"پٽ! جي توکي شعر آ لکڻو،
آڌيءَ رات جو سڄ لکي ڏي،
ڪاريءَ جو، جو ڪنڌ ٿو ڪپجي،
هن جي پويان مڇ لکي ڏي،
هيءَ وڏيري جي اوطاق ۾،
جيڪا رات گذرڻي آهي،
رات انهيءَ جو پردو لاهي،
ان جو مون کي منظر ناهي،
هاڻي ڏي ها، هاڻي ڏي!
ڪٿ تي جيڪي خواب ٽٽن ٿا،
تن جا قصا واڻي ڏي،
آڌيءَ ۾ جي دانهون دبجي،
ديرن ۾ پوريون ويون آهن،
مون کي ڪوتي آڻي ڏي"

پٽ سوچي ٿو:

"لت رڳو تہ نہ آهي ڪرٽي،
هن جا لفظ ڳرا ٿي ويا هن،
ڪاپي خالي ناهي پرٽي،
ايئن صفحن ڪي يار وڃائي،
۽ سچ ڪي سمجهي بہ لڪائي،
روز اياڻا ڪيئي شاعر،
ڪولي ڪالر ايندا آهن،
پر جنهن سچ ڪي سچ چيو آ،
ان جو مان ئي اڻ ميو آ"
هن جو پٽ هليو ويو آهي،
پر هڪ مٽ پري ٿو واري،
سچ ڪي ايئن تڪي ٿو وينو،
گويا ان ڪئي ڪا ڪاري.

هيل ٻہ رُت ڪو گيت گُهري ٿي.

هيـل بـہ رُت ڪـو گيـت گهـري ٿـي.
رت ۾ ريتـو گيـت گهـري ٿـي،
چـوڏاري جـا چـُـپ چـانئي آ،
اونداهـيءَ جـو روح ٻـُـي آ،
دور اُفـق ۾ چنـڊ ڪڙيـو آ،
۽ ان سـان آڪـاش ٻـري ٿـو،
هيـڻ هـوا ۾ ڪـو نوحـو آ،
۽ رسـتي تـي لاش ٻـري ٿـو،
هيـل بـہ رُت ڪـو گيـت گهـري ٿـي.

"مينـدي جـي پـي منـد آئـي آ،
پـٽ نـہ موٽيـو!" مـاءُ چـوي ٿـي،
ذرتـيءَ تـي تڙپـي چانـدوڪي،
لاش مٿـان چـڻ گهـاءُ ٿئـي ٿـي،
عينـڪ جـي شيشـي مـان ڏنڊلـي،
آءُ ڏسـان ٿـو پيـو اونداهـي،
هيـل بـہ رُت ڪـو گيـت گهـري ٿـي.

اونداهيءَ گليءَ مان ايندي،
چئوواٽي تي نار جهُڪي ٿي،
آڌيءَ جي هن خاموشيءَ ۾،
ان جي ڪنواري چيخ چپي ٿي،
تاريخن تي داغ ٿئي ٿي،
هيل بہ رُت ڪو گيت گهري ٿي.

اونداهيءَ جي ان لمحي کي،
ڪيئي ڇهہ ست سال ٿيا هن،
"مون کي منهنجو گيت لکي ڏي"،
مون کي بند سراءِ چوي ٿي،
"مينديءَ جي يي منڊ آئي آ،
پٽ نہ موٽيو"، ماءُ چوي ٿي،
هيل بہ رُت ڪو گيت گهري ٿي،
رت ۾ ريٽو گيت گهري ٿي.

صنوبــر جـــي ڇـــانئن ۾ چانـــدوڪي رات،
۽ پوئيـــن ملاقـــات جـــي رات توســـــان!

پيــا هــا جــي سـڏڪي گلــن جــا هنيــان،
اگـــر رات جـــو ڌـــو ڪيـــان يـــاد مـــان،
تــه ڌــي ڌــو وجــي هــي صحـــن ســـوجهرو،
لـــَــون ۾ لــَـــنون ڌــا پکـــي پرهـــه لات.
صنوبـــر جـــي ڇـــانئن ۾ چانـــدوڪي رات.

ڇٽــي پيــا جــي رابيــل تنهنجـــي ڳلــن تــان،
تڪيــو توڪـــي تـــارن نمـــاڻي نظـــر ســـان،
لڳــي ڌــو تــه اڄ جــو ئــي آهــي اهــو غــم،
هوائـــن ۾ تنهنجـــي تـــري پيئـــي تـــات.
صنوبـــر جـــي ڇـــانئن ۾ چانـــدوڪي رات.

عجـــب تنهنجـــي ٻـــانهن ســـندا هـــار هئـــا،
سندم مـــُـک تـي وڪريـل تنهنجـا وار هئـا،
ڌيا ســـــون جـــدا ڌـــو ڪيـــا واعـــدا،
"نـه پنهنجي هي محبت ڪڏهن ڌيندي مـات"
صنوبـر جـــي ڇـــانئن ۾ چانـــدوڪي رات.

سڄي رات تي غم-ڪدي جيان وئي،
چڪوريءَ به پل لئه نه هئي بس ڪئي،
سندءِ مُک مٿان ماڪ وڪري وئي،
ته تڇڪي اُتي منهنجي ڏائڻ هي ڏات.
صنوبر جي ڇانئن ۾ چانڊوڪي رات.

۽ تنهن پل نه ڪجهه پي مون توکي چيو،
مگر دل جو اندر سڄو غم هيو،
ڪٿي تو اکيون پويون پيرو ڏنو،
ڏنو مون ته روئي پئي ڪائنات.
صنوبر جي ڇانئن ۾ چانڊوڪي رات.

"سندءِ ياد منهنجي حياتي اٿئي"،
چيڙي سارنگي آ ستارن سندي،
جنهين سان ڍولڪ وڄائي ندي،
پري سُر انهيءَ ۾ رهي آهه سانت.
صنوبر جي ڇانئن ۾ چانڊوڪي رات.

ٽئگور جي دعا

گوالن جي لولين تي گوپين جون ٽوليون ،
ٿي گهاٽي سناٽي مان ٻاهر اچن ٿيون ،
اکيون روشنين جا سيئي ون چمن ٿيون ،
صحن ۾ "سندربن" جون ناريون نچن ٿيون.

ڪو گوالو صبح سان ٿو سُرندو سينگاري ،
۽ سُرندو پوءِ ٻُرندو پيو پريات ساري ،
صبح جي گهميل هن بنگالي هوا ۾ ،
وري سُر پيو بنسريءَ جا ڪو تاري.

اتي ئي انهيءَ پلڪ جهونو هو شاعر ،
ٿو تخليق "گيتانجليءَ" کي ڪري پيو ،
۽ ڪنهن جهوني ٻڙ جي وني پاڙ ساڳي ،
هو فطرت ۾ ڪيئي نوان رنگ ڀري پيو.

.... ۽ تصور جي اُڊِڙيل ڦٽن کي هو ميڙي ،
خدا کان گهري خواب جهڙي ٿو دنيا ،
"پٽن کي سدائين تون رک سائو سائين!
خدايا! گهران توکان اهڙي ٿو دنيا".

پيا جيئون تا جڻ طعني

پنجــــي تـــــا اُڏن ڏس پچـــــــر ڏي،
هـــي ايـنـــدڙ دور ڪجـــاون جيـــان،
تـــر تنهـــن ۾ جـــڻ ڪـــو گـــج هجـــي،
هـــي ان ۾ ڪچـــــن ڪـــاون جيـــان.
پـــوءِ لاڙيـــون روز ڪجـــاون ڪـــي،
اڌ رات جـــــو تـــــا مڌخـــــاني ۾،
هـــي ڊگهــي گوهـــي ڪـــائون تـــا،
پيـــا جيئـــون تـــا جـــڻ طعنـــي ۾.
مـــذ ۾ تـــر مـــزو ايـــڏو بـــر نـــر آ،
جيــــــــــڏو آ در ڪڙڪـــــــــائڻ ۾،
اڻ پيتـــــيءَ ۾، ڪجهـــــر گهـــائڻ ۾،
موڪـــــيءَ جـــــي ننـــــڊ ڦٽـــائڻ ۾.
موڪـــي بـــر تـــر ڊوڪـــي وئـــي آهـــي،
اڄ نخـــــرن جـــــي نـــــاداني ۾،
سُـــڪ اهـڙو پيـــو تـــر نـــر ڪـــٽ ايـنـــدو،
ٻئـي جنـــم جــي ڪنهـــن بـــر جوانـــيءَ ۾،
پيـــا ڏنڌلـــو دوڪـــو آهـــي هـــي،
جـــو پـــاڻ ڪـــي پـــاڻ ڏيـــون تـــا پيـــا،
ڪجهـــر معـــاف ڪجـــو اي همنفســـو!
اڄ ڏاڍو بـــــار پيئـــــون تـــــا پيـــــا،
ءِ جيئـــــڻ جـــــو ڪـــــو غـــــم ڪٽـــــي،
تـــا موٽـــون بـــاڪ جـــي ويٺـــن ۾،
ءِ يـــاد ڪيـــون تـــا سُـــرڪيون ســـي،
جـــي موڪـــيءَ جـــي هيـــون نيٺـــن ۾.

ويـــــا ڪل رُت جـــــي رات الا اوا
ســئن اڪيلــي يـــاد ڪرئـــي تــي.
دور اڪيلـــو چنـــڊ وجـــي تـــو،
لهـــرن تـــي چانـــڊوڪي آهـــي،
تــن ۾ ڄــڻ ڪــو گهــاءُ ڳــري پيــو،
پــل جـــا پاڇـــا ،واءُ نـــري پيـــو.
هـــيءُ ٻتيلـــو منـــڊ لڳـــي پيـــو،
دور ڪنـــارو تـــم تـــم تئـــي تـــو،
سـُــرندي تـــي ڪـــو ،تـــوڙي ڳـــائي،
پويـــاڙيءَ ڪـــي پيـــو پرچـــائي،
چـــا ان پـــل ڪـــو خـــواب ٽٽـــو هـــو؟
لهـــرن جـــا پاڇـــاوان هلڪـــي،
سـُـــر جـــي ان آهـــت تـــي ڦٽڪـــي،
ٻيـــڙيءَ ســـان ٻاڪـــاري ويـــا هـــن،
سـُـــر ڄــڻ ننـــڊ ڪـــي مـــاري ويـــا هـــن،
نيـــڻ ســـويلو گهنـــڊ وڃـــي تـــو،
ءِ هلڪـــي ســـرڪنڊ جـــي خوشـــبوءِ،
جهوتـــي جـــو تـــي روح اڇـــي تـــي،
پـــار منجهـــان پاٻوهـــ اڇـــي تـــي،
ويـــــا ڪل رُت جـــــي رات الا اوا
ســئن اڪيلــي يـــاد ڪرئـــي تــي.

افريڪا جي ڀيٽن تي

هر روز هزارن ۾ ڏيئا ،
ٿي رات انڌاريءَ ۾ ليئا ،
ڪا بات بنائڻ ايندا هن ،
ڪجهه وهم وڃائڻ ايندا هن ،
۽ ڪجهه سُک پائڻ ايندا هن ،
هي افريڪا جي ڀيٽن تي ،
جي روز جواري هوٽل ۾ ،
هر رات اُجارا ايندا هن ،
۽ چين-سموڪر واپس ٿي ،
ڪجهه سڪا هاري ويندا هن ،
سي جواري پانڌيڙا آهن ،
منهنجي تہ نظر ۾ جيون جا ،
۽ تن جا خواب بہ آسڻ جيان ،
هرروز رديءَ تي ڏوپن ٿا ،
هرروز وري خيما ڪوڙي ،
هو ڀيهر خواب ڏسن ٿا جي ،
ها ٽيهر پي هاريا ويندا ،
۽ وسڪيءَ تان واريا ويندا ،
يا يورپين ڪنهن پوريءَ جي ،
ڪجهه ساهن ساڻ اُڏاريندا ،
هي ڀيهر رات جا متوارا ،
ڪجهه ٽڪ چڏي هن هوٽل ۾ ،
ها! هاڻي نڪتا هن ،
۽ پنهنجا ٽڪرن ۾ سپنا ،
هو ٽيهر واڻي نڪتا هن.

ڪير آهي چوي!

سچ ڪي ڪٽ لڳٽي ڪڏهن ڪانہ آ،
جسم ڊاهي چوي،
ساهہ ساهي چوي،
ڪير آهي چوي؟
چنڊ کي لت لڳٽي ڪڏهن ڪانہ آ،
سچ ڪي ڪٽ لڳٽي ڪڏهن ڪانہ آ،
شام سان ڪيت ۾،
ڪڙڪبيتا ٻريا،
سونهن جي چڻ پريءَ،
ڇال ڏئي سپ ڇريا،
واءَ تي رقص ۾،
ٽانڊڙا پئي تريا،
ديس اهڙي مٽان،
سر ڏئي"ڪو"نٿو،
هيل ڇو زهر ڪي،
ڪو پئي ڪونہ ٿو،
اندلت جو ڪڏهن هٿ تو آ ڏٺو،
لات ڪي ڇٽُ لڳٽي ڪڏهن ڪانہ آ،
سچ ڪي ڪٽ لڳٽي ڪڏهن ڪانہ آ.
ڪير آهي چوي؟ ڪير آهي چوي؟

سپنا تنهنجا ....

تنهنجي نيڻن جو هن تَرَ ۾ ،
ايئن پرين هر داءُ رهي ٿو ،
برلن جي بازارن ۾ جئن ،
هٽلر جو ڏهڪاءُ رهي ٿو ،
وچ ٿي جرڪي ۽ چوڏاري ،
ڪنوٽن منجهه چمڪاءُ رهي ٿو ،
چمپا گل جي سيني تي ڪو ،
شاعر پنهنجو گهاءُ لکي ٿو ،
شام ٿئي ٿي رت نهن ٿا ،
۽ تون محلن مان ٿي نڪرين ،
چهرا بند جهروڪن مان سڀ ،
تولئه ليئو پائن ٿا ،
۽ تنهنجي پويان گهوڙن تي ،
فوجي تن ڪي گهائن ٿا ،
تنهنجو جڏهين گشت شهر جي ،
سيني گهٽين مان پورو ٿئي ،
ڪيئي لاش لتاڙيا پيا هن ،
۽ ڪي بند جهروڪن ۾ ،
سپنا تنهنجا واڙيا پيا هن.

بنگالي ڇوڪري

هي بنگالي ڇوڪري
سانوري ڪيڏي سلوڻي!
جڻ سنهالي ڇوڪري،
آ وري مون ڏي ڪٽي ناريل آئي،
"پيار جي ٿئي سوکڙي"
۽ سڄي سنسار جي ٿئي سوکڙي،
ايتري ۾ ڪا تکي برسات پئي ٿي،
رات ٿئي ٿي،
ڪنهن بنگالي ڇوڪريءَ جا اُرهه ڇلڪيا!
ڏات ٿئي ٿي!!
۽ وري برسات ٿئي ٿي،
جيت ۾ ڪا مات ٿئي ٿي،
ننڍ وانگر آءُ هن جي،
پوءِ ٻه ٻانهن ۾ رهان ٿو،
چاهنائن ۾ رهان ٿو،
ڏينهن ٿئي ٿو،
جڻ نئون ڪو نينهن ٿئي ٿو،
ڪيسيتائين پيار مون کي تون اڃان ڇوندين،
ته "جيءُ"
ڪيسيتائين پيار مون کي تون اڃان ڇوندين،
ته "ٻيءُ!"

ڪراچي

شام ٿئي ٿي "ڪورنگيءَ" مان،
ڪيترين ڪارون اچن ٿيون،
جيئن ڪلفٽن تي جَمع ٿي شام جو،
نَورنگيون ناريون اچن ٿيون،
هو اتي جهڙيون اچيون،
وار جن جا بادلن جيان رقص ڪن،
ساهه جن جا ٿا سمندر کي سڏن،
خواب جن جا واءَ گهميل تي گُهمن،
"بوٽ-بيسن" تي شفق غارت ٿئي،
موهه ڪان غائب تڏهن تي مت ٿئي،
شام تي لٽ-پٽ ٿئي،
۽ سوين رنگ ريشمي،
جڻ وديشي هي پکي،
سمنڊ تي ٿا سهڙجن! .
۽ صدر جون سوڙهيون ساريون گهٽيون،
ٺهڪڙن جي بوندا باندي تي ويون،
تنهن سمي ڪوئي "سفاري پارڪ" ۾،
ٽولين ۾ ٽهلندڙ رستو ڏسي،
جڻ ته شاعر ٿو لکي ويهي نظم،
تنهن سمي جي ٿو ڪٿي فائر ٿئي،
جڻ ته ساري رات جمندي تي وجي،
جڻ ته هيءَ ڪائنات جمندي تي وجي.

ساڳيو صدين جو خواب آ

اج بہ آهي حاڪمن جي سلطنت ،
هي ماڊرن دنيا سڄڻ!!
وقت بدليو آ ڪٿي؟
اج بہ حبشي ٿا جهلن ،
تن جا گهوڙا احتراما!
اج بہ ساڳيو آ غريب النفس انسانن سندي
خوشين جو محور ،
اج بہ ساڳين حاڪمن جي شادين تي ،
هو ڇڏن ڪيئي ڪبوتر ٿا هوا ۾ ،
اج بہ ساڳيون ئي غريب النفس انسانن جون
خوشيون ،
لارڊن جي وارڊن ۾ قيد آهن ،
حاڪمن جي راضپي جي آسري تي ،
اج بہ تن جي زندگي ٿي ،
ساڳيوئي خواب جنمي!

انسان جو جسم ڊاتو وجي ٿو

ٺپي ڇڏ هي "حالي" ۽ "غالب" جا ديوان،
هڪ رات جي لئہ،
جو انسان جو جسم ڊاتو وجي پيو،
بيهار انکي جو ٺاهيو وجي ٿو،
فقط ان جون ٻانهون اهي ڪونہ هونديون
هتن جا اشارا ٿو ڊاهي خدا پيو،
نہ ئي باغ جو گل پٽي ڪوبہ سگهندو،
نہ ڪوئي سنواريندو چهري ۽ وارن کي،
پوڙهن ۽ ٻارن کي ٻانهون نہ هونديون،
اکيون ڪڍي پيو خدا اڄ تہ انسان جون،
حُسن اڄ کان پوءِ بچندو نہ باقي،
ڇا "حالي" ۽ "غالب" تون سمجهي بہ سگهندين؟

سمندر تي سانجهي

ڏکن جي ئي ساحل تي سانجهي لهي ٿي،
تہ پنڇين جون مايوس ٽوليون بہ پنهنجي،
وطن ڏي ورن ٿيون،
۽ جهونن جهازن جي لنگر جي گهنڊن،
جا آواز دريا جون لهرون پريشان ڪن ٿا،
انهي ئي سمي ڪوئي سگريٽ سستو،
دکائڻ تي دل مون کي اُتساهہ ڏئي ٿي،
۽ توکي وسارڻ جي ڪوشش بہ ڇاآهہ؟
ڇڻ پاڻ مارڻ جو آهي بهانو!
سمندر، زمانو مٽائي نہ سگهندو،
سمندر رڳو نانوَ ساحل تان ڊانا،
تہ ڇا دل تان سڀ نقش اُکري ويا؟
سوين لُڙڪ منهنجا تہ ساحل تان سپين جيان،
انهيءَ سمنڊ پيتا!
مگر سمنڊ کي اڄ بہ ڪيتا کي ڏيٺا پون ٿا.

يادن جو جهنگل

اسان جو آ هي روح جهنگل ڪو گهاٽو،
ٿئي رات تي جيئن ٿئي ٿو تماشو!
ڪا يادن جي جهنگل ۾ ڊوڙي ٿي گهوڙي،
۽ سنبن جو آواز ساحل جون لهرون
پريشان ڪري ٿو،
اُفق تان مٿان چنڊ پوڙهي مصور جيان،
ان کي گهوري ڏسي ٿو،
۽ پورب ڪان گهميل هوائون اچن ٿيون،
سڄو اُپ پسي ٿو،
ته شاعر جو جاڳي قلم ٿو جلي آگرين ۾،
نئين صبح جو نور ان مان ڦٽي ٿو!
۽ يادن جي گهوڙيءَ جو مشڪل سفر جڻ،
کُٽي ٿو!!

ٽيـــڙو

شال رحمت جي حسناڪي بدنظر ڪان پناهہ ۾ رهي!

بهار جي جوڀن جهڙو خوبصورت ۽ خوبصيرت شاعر رحمت الله پيرزادو، ان دور جو شاعر آهي جيڪو دور گهڻ طرفي آلودگيءَ جي خطرناڪ زد ۾ آهي. جنهن دور جي ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جون حسون آخري هڏڪي ڏئي رهيون آهن. مجبوريءَ جو انڌو کوهہ هر ماڻهوءَ جي وجود سان سلهاڙيل آهي ۽ انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو سماج اڄ جي زنده دل شاعر لاءِ ذهني مريض جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ٿو. پر ڇا ڪوئي ذهني مرض رڳو تباهيءَ جو باعث ئي آهي ۽ بس.... پر نہ نہ..... ايئن ناهي جيتوڻيڪ نفسيات جي ماهر سگمنڊفرائيڊ Sigmund Freud چيو آهي تہ، "ذهني مرض انهن خواهشن مان پيدا ٿين ٿا، جيڪي ڪنهن ڪارڻ پوريون ٿي نہ سگهنديون آهن ۽ شخصيت سان متضاد ٿي شعور مان خارج ٿي وينديون آهن." پر جڏهن اسين رحمت جي هن معصوم خواهش جو جائزو وٺون ٿا تڏهن فلسفي، نفسيات ۽ علم جون سڀ تمهيدون ۽ تنقيدون هوا ۾ ڇڏيل سگريٽ جي دونهين جي ڇلي ڪان بہ حقير محسوس ٿين ٿيون،

دل تہ بار جهڙي آ،
پر هي دنيا شيشي ۾،
جڻ تہ ڏار جهڙي آ.

اهڙي خوبصورت احساس کي ڇٽڻ جي لاءِ صرف شعوري اعمال (Conscious Experiences) جي سڌ جو هئڻ ئي ڪافي نہ آهي، اهڙين ڪائناتي سٽن کي تخليق ڪرڻ لاءِ اها روشني درڪار آهي جيڪا روشني جگر جو خون ڪري. رت جو ڦڙو ڦڙو ساڙڻ کان پوءِ حاصل ٿئي ٿي ۽ هڪ ڪلاڪار ان روشنيءَ جي چانو ۾ بدبودار روايتن، رواجن ۽ رسمن خلاف بغاوت جو علم بلند ڪري ٿو. ان بغاوت جي پڄاڻي جي پرواهہ ڪرڻ بدران آرٽسٽ رت هاڻي روح سان هڪ پڌري صبح جا پيرا کڻڻ ۾ مصروف عمل! ۽ اهڙي پرآشوب ماحول ۾ سنگينن تي سجيل ٻار ۽ تيرن تي تاٿيل نسل جون اُداس اکيون شاعر جي شعور ۽ لاشعور کي ڌوڏي ڇڏڻ جو جوازا مقتولن جي فهرست ڊگهي ۽ شهيدن جا سر ڳاٽيڻن کان وڏيڪ! تڏهن بہ هڪ ڪميٽيڊ شاعر جا لفظ پنهنجي دور جي مقتولن ۽ شهيدن جي قبرن تي اگربتيون ٻڄي ٻرڻ بدران هوائن ۾ بغاوت جو هڳاءُ ٻڄي گونجن ٿا، يقين نہ اچيو تہ رحمت جي چريو ڪري ڇڏيندڙ هنن سٽن جي ديوانگي محسوس ڪيو،

ملاح ستو پيو آ،
درياهہ سڪل آهي،
الله ستو پيو آ.

هي چار ترارون هن،
سڀ لاش ڪجي ويا ۾،
ويران ترارون هن.

ٿورو سوچيو منهنجي اُداس نسل جا نوجوانو! هي ڪهڙي ديوانگي آهي، ڪهڙي چريائپ آهي. هي ڪهڙو جنون آهي جنهن ننڍي وهيءَ جي خوبرو شاعر کان اهڙيون لازوال سٽون لکرايون آهن، سنڌ جي مقتول دريا ۽ شهيد هوائن جي آخري وصيعت صرف هڪ پاگل شاعر ئي لکي سگهي ٿو. جو تہ هن ملڪ جا ڪدڙن جي مڙهي ٻڌيل اداره. پنهنجي سڄاٽپ مفادن جي چڪلي ۾ پڳڙن مُٺ تي وڪڻي چڪا ۽ ادارن جي مردار عيوضين جي اکين مان سنڌوءَ جو سڪل پيٽ ان ڪري بہ ڏسي نٿو سگهجي جو تہ انهن اکين "حرام" سان نمڪ حلاليءَ جي دلاليءَ جو ٺيڪو ڪنيو آهي. ملڪ ۾ غربت گهٽايو مهم جي هوڪن پويان ٽڙپندڙ بيوس زندگيءَ جو درد بہ صرف هڪ چريو شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. اسٽاڪ ايڪسچينج جي لاٽ ۽ واڌ کان وڌيڪ اهم شاعر لاءِ ڪنهن جهور اکين جي جهيٽائي هجي ٿي، تڏهن تہ هڪ جامد (Static) ٿيل زندگيءَ جي روح جي چر پُر Dynamic کي رحمت هيئن ڇٽيو آهي،

هيءَ ريل جي پٽڙي آ،
پوڙهي ڪا ڪتڙي آهي،
تنهن هٿ ۾ وٽڙي آ.

اها پوڙهي صرف هڪ ٻڍڙي عورت ئي نہ آهي پر اها ڌرتي ماءُ بہ آهي جنهن جي نافرمان اولاد ان جي هٿ مان ٻاجهہ جي تسبيح ڦري ان کي پنڻ لاءِ وٽڙي ڏئي ڇڏي آهي. پر اسين ان نافرمان ٽولي جي نافرمانين ۽ بي ايمانين ڪارڻ هٿيار ڦٽا ڪرڻ وارا نہ آهيون ڇو تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ جڏهن ديس ۾ بهار جون هيرون روح ناڙڻ بدران آگ جا شعلا بڻجي پونديون آهن، تڏهن آرٽ جي منڙي برسات انيڪ اُباڻڪن روحن لاءِ آٿت ۽ اُتساهہ جي غيبي چادر بڻجي پوندي آهي. ڪنهن بہ سچي شاعر ۽ ڪلاڪار جي شعوري وهڪري ۾ اُها تيزي اُها شدت هوندي آهي جيڪا هر دور جي ڏاڍ، ظلم، جبر ۽ ويساهہ گهاتين جي ريڙي پنجوڙن ڪي لوڙهي ڇڏيندي آهي. شاعر جي نگاهہ انقلاب ۽ عشق جي ساهمي بڻجي پوندي آهي ۽ رحمت جي هائيڪن ۾ اها طاقت آهي جنهن جي اُڏام حد ۽ لاحد جي محتاج نہ آهي. هن جي ٽين اک جي تيزي اهي منظر جهٽي ٿي وٺي جنهن منظر جي خوشبوءِ هر ڪويءَ جي ڪنٺ مالها جي حصي ۾ نہ ايندي آهي.

مٽي کي هٿ ڏئي،
ڪنگڻ جي ڪُند مان،
ڪاڏي نظر ڪيئي؟

ناسي هيءَ وڳو،
هاڻ وجي ڪو ٻاءِ تون،
نظر لاءِ سگهو.

شال رحمت جي اندر جي حساڪي ۽ روين جي حساڪيءَ کي ڪا بہ نظربد نہ لڳي.

(آمين)

فياض چند ڪليري
29 جنوري 2005ع
نوابشاهہ: 60078

آءُ هلي اياز،
منهنجا هٿ جُهري پيا،
ڪونہ ڇُريا پر ساز.

پيلو پن ڇڻي ويو،
آيو اتر واءُ جو،
ان کي دور ڪڻي ويو.

آواري - ٽاور،
توسان ئي هڪ ياد جو،
ٽڪرا ٽڪرا گهر.

سانجهيءَ جي اُن پل،
توکي ڪيمر سڏ جو،
جهيڻي ڪيئي جهل.

چوزي ايئن ڇڪون،
جو تي ايڏو تنگ ڪرين،
لکڻ ئي ڏي مون.

ساريندو توکي،
ويو هن جنم ۾ جو،
هاريندو توکي.

۽ پوءِ تون وچين پيئي،
گهٽوئي مون جهليو توکي،
مگر ڪاٿي ميچين پيئي.

دل ته ٻار جهڙي آ،
پر هي دنيا شيشي ۾،
جڻ ته ڏار جهڙي آ.

ناسي هيءُ وڳو،
هاڻ وجي ڪو پاءِ تون،
نظر لاءِ سگهو.

مٽي کي هٿ ڏئي،
ڪنگڻ جي ڪنڊ مان،
ڪاڏي نظر ڪيئي.

مون ڪوڙ ڪتابن ۾ ،
مذهب تي ڏنا آهن ،
پنجوڙ ڪتابن ۾.

هيءَ ريل جي پٽڙي آ ،
پوڙهي ڪا ڪٽڙي آهي ،
تنهن هٿ ۾ وٽڙي آ.

درياهه سڪو پيو آ ،
ملاح جي سپنن ۾ ،
هر چاهه سڪو پيو آ.

ملاح ستو پيو آ ،
درياهه سڪل آهي ،
الله ستو پيو آ.

ڪجهه ڪنگ اُڏن ٿا پيا ،
پيو سج لهي پريان ،
ءِ رنگ اُڏن ٿا پيا.

هي ڪائون سال اٿئي،
منھنجي پويان ڊڪندي،
هي نائون سال اٿئي.

خاموش ڪڙو آهي،
جڻ هن جي دل ۾ اڄ،
موهن جو دڙو آهي.

ڪا ياد آهي مون وٽ،
تڏهين تہ اجا دلڙي،
آباد آهي مون وٽ.

هُو عڪس پهاڙيءَ تي!
تي ڪيئن رڊون چاري،
آ رقص پهاڙيءَ تي.

ڪيڏو نہ پُري پيو آن،
ٻانهون جو وڌايون مون،
تون يار سُري پيو آن.

ڪاغان وساريان مان!
ناري هو انارن تي،
پيو اڄ بہ ساريان مان.

ڪنڻن جي دڪانن تي،
پاٽي مون هيو پيتو،
سپنن جي دڪانن تي.

هي چار ترارون هن،
سڀ لاش ڪجي ويا ۽،
ويران ترارون هن.

تازا هي غزل آهن،
برفن جي پهاڙين تي،
تو ساڻ ڪي پل آهن.

انجير تي ڪويل آ،
ڪوڪن جي ڪهاٽين ۾،
پيڙائي تہ پويل آ.

مون سان هڪڙي رات،
رهي تنهنجي نانو تي،
سانوڻ جي برسات.

هي شام گلابن جا،
ڏوئي آ وئي سيئي،
الزام گلابن جا.

منهنجي هي اڪيلائي،
تو جيڪا بنسنيءَ تي،
ڪيڏي نه چتي ڳائي.

بنگال جي خوشبوءِ آ،
هن منهنجي ٽيڙوءَ ۾،
پرُ سال جي خوشبوءِ آ.

هيمنت جو چنڊ اياز،
اُت اڪ پٽي ڏس تون،
اڄ اُن جو منڊ اياز.

نيڻ هن جا رنگ ٿا تخليق ڪن!

شاعري حسين احساسن جي مصوري آهي ۽ رحمت الله پيرزادو هڪ مصور شاعر آهي جيڪو پنهنجي احساسن جي رنگن منجهان / سان اهڙيون تہ خوبصورت تصويرون ٺاهي ٿو جن ڪي ڏسي هن جي دور جي سموري حسن، درد، وحشت ۽ ڪرب جا اولڙا پسي سگهجن ٿا. مون هميشہ سيني ماڻهن ۽ شين کي نهايت ئي گهرائيءَ سان ڏٺو آهي، منهنجون اکيون هميشہ مشڪوڪ رهيون آهن، بين ماڻهن ۽ شين جيان مون رحمت الله پيرزادي کي بہ نهايت ڌيان سان چتائي ڏٺو آهي. ۽ مون هميشہ کيس ڪنهن اُجاري شخص جهڙو اُجارو ۽ اُتاولو محسوس ڪيو آهي. شايد هن جي اُها اُڃ ئي آهي جنهن هن کي ننڍيءَ عمر ۾ سسئيءَ وانگر ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ تي مجبور ڪيو آهي.

رحمت الله پيرزادو جيو ڳاڙهي گلاب جي پنکڙين ۽ ڪپهہ جي پوٽيءَ جهڙو نازڪ ۽ نفيس ماڻهو آهي ان هميشہ ڪنڊن، ڪاون ۽ ڪوڪن وڪريل رستي تي پيرين اگهاڙي پنڌ ڪيو آهي ۽ ايڏو وڏو درد پوڳيندي هن ڪڏهن اُف بہ نہ ڪئي آهي، ڇو تہ هن جو اهو پنڌ عشق جو اهو پنڌ آهي جنهن جي آڏو صرف مقصد ئي اتم ۽ اعليٰ هوندو آهي. عشق جي ان پنڌ ۾ رحمت الله پيرزادي جتي ادب، ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۽ دوستيءَ کي پنهنجي پاڪر ۾ پريو آهي اتي هن شاعريءَ سان بہ پنهنجو سبنڌ جوڙي ورتو آهي ۽ شاعريءَ هن کي ان ئي پيار سان پنهنجي ٻانهن ۾ پناهہ ڏئي مٿس لاتعداد گيتن ۽ نظمن جي ورڪا ڪئي آهي.

رحمت الله پيرزادي نہ رڳو گيت، غزل، نظم، بيت، دوهي ۽ وائيءَ جهڙيون صنفون تخليق ڪري پنهنجو من پرچايو (وندرايو) آهي پر هن اهڙي شاعري تخليق ڪري پنهنجي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ هيرن جواهرن جي اوت ۽ اضافو پڻ ڪيو آهي. رحمت الله پيرزادو نئين ٿهيءَ جو گهڻ - پڙهيو، سمجهو ۽ سچاڻ شاعر آهي، جنهن ڪي شاهہ لطيف، سچل، سامي، ٽئگور، ڪبير، فريد، بُلي شاهہ کان ويندي ڪيٽس ۽ پئبلونرودا کان وٺي محمود درويش تائين جو مطالعو آهي ۽ اياز، استاد، شيام، امداد، تنوير، راشد، مير محمد، تاج، ماٺڪ، وسيم، ساحر، بخشل، سائل، معشوق ۽ ٻين ڪيترن ئي سهڻن ۽ سُريلن شاعرن جي هم عصري نصيب ٿي آهي. ۽ هو جڏهن بہ پنهنجي ڪتابن جي الماڙي (Shelf) کي کوليندو آهي تڏهن هو ڪلاسيڪي، لوڪ فوڪ ۽ جديد ادب جي سڳنڌ سان واسجي ۽ رچي وڃي ٿو تڏهن هو خوبصورت خواب جهڙيون سٽون تخليق ڪري ٿو جن سٽن ۾ ڪنهن ٽريليءَ جي ماٽي تي چمڪندڙ چنڊ جهڙي بنديا کان وٺي هڪ وطن پرست جي جلاوطني ۽ ڦاهيءَ جي ريشمي ڏوريءَ کي ڏنل چميءَ تائين اهي سڀ منظر محسوس ٿي وڃن ٿا جيڪي هن جي دور جون نشانيون، عڪس ۽ علامتون آهن.

رحمت الله پيرزادي جي شاعريءَ ۾ رومانويت بہ آهي پر هن جو رومانس مٽيءَ جي خوشبوءِ سان واسيل آهي. جنهن ۾ موهن دڙي جي استوپا، نينهن جبل جي نظارن، ساڌ ٻيلي جي حسن، ڪارونجهر جي ڪور تي ٻُرندڙ مور ٿهوڪن، مڪليءَ جي عظيم منارن جي چٽساليءَ کان وٺي استاد منظور علي خان، گلزار علي سانگهڙائي، شفيع فقير ۽ انور جتوئي کان صادق فقير تائين منڙن

۽ سريلن ٻولن جي آلاپ جا جلوا محفوظ ٿيل آهن. رحمت الله پيرزادي جي فڪري گهرائي ۽ فني پختگيءَ جو سنگم هن جي تخليق لاءِ سون تي سهاڳي جي برابر آهي. پنهنجي جديد تخليق ۾ ڪلاسيڪيت جو رنگ ڀرڻ هن جي ڪاٻي هٿ جو ڪيل آهي. اهي ئي سبب آهن جو رحمت الله پيرزادي جي شاعري هڪ پڙهندڙ، ٻڌندڙ توڙي شاعريءَ جي پانڪ جي من پاتال ۾ پيهي وڃي ٿي. مون هن کي سندس سٽ سٽ ۾ موجود ڏٺو آهي ۽ آئون تخليق ۽ تخليقڪار کي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم سمجهان ٿو. اعليٰ ۽ اتم تخليق لکڻ واري تخليقڪار کي ٻـ ايتروئي اعليٰ ۽ اتم هجڻ گهرجي ۽ رحمت الله پيرزادو پڻ پنهنجي تخليق، جيان حد ۽ ڪمال درجي جو ماڻهو آهي.

هو هلڻ ۽ ڪلڻ ڪان وني لکڻ ۽ پڙهڻ تائين هڪ چنبيل ڦوڪيل، با اخلاق، مهذب ۽ فهميدي قسم جو جوان آهي. هن جي ان فهم ۽ فضيلت ۾ سنڌي گيت جي باڪمال شاعر مير محمد پيرزادي جي تخليقي، علمي ۽ پدري شفقت ۽ پيار جو وڏو هٿ ۽ عمل دخل آهي.

مون لاءِ هي ڳالهه تمام وڏي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جو باعث آهي ته هن پنهنجي ڪوتائن کي سهيڙي ورتو آهي، يعني سندس شعري مجموعي (ڪليسا جي دريءَ مان) سنڌي شاعريءَ، سنڌي ٻوليءَ ۽ رحمت الله پيرزادي سان پيار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ انمول تحفو هوندو.

معشوق ڏاريجو

23 فيبروري 2005ع

پير محلا قاضي احمد

ڪليسا جي دريءَ مان

رحمت الله پيرزادو

رحمت الله جو روح نثر جي نديءَ تان ترندو شاعريءَ جي شادمانن ۾ پهتو آهي، هن جي شاعريءَ ۾ تنهائي جو درد، پياڪن جو پڙُ، مٿان چٺاڪا هاريندڙ چنڊ، مندر ۽ گهنڊ، هڪ ئي وقت جلواگير آهن.

رحمت الله پيرزادو مٿيءَ جي رانديڪن سان ريجهندڙ ٻارڙي جهڙو روح رکندڙ شاعر آهي، موهن جو دڙو هن جو ۽ هي پڻ ان جو حصو آهي، ان ڪري سندس شاعري، ناچڻيءَ جي نينهن ۽ تپسيا جي فوٽوگرافي ٻه آهي.

اسان جو هي نوجوان نثر نويس ۽ شاعر، شاعراڻي صنف جو شهزادو آهي، دل واري جي درد ڪي چيڻ لاءِ هن جي شاعراڻي تشبيهه ٽڏو پَهو ٻه آهي، تہ سَرٿيل اکين ڪي ٺاروٺار ڪندڙ دٻُ پڻ.

ماڻڪ ملاح

تلي، سڪرنڊ

2 فيبروري 2005ع

سپ پبلشر - نوابشاھ

Grafix & Printed by: Intel Communications, Hyd. Tel: 721172

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻَ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني۽ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)